Reg No 2677
ABC Certified
ايڈيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي
جلد: 09 | آچر 07 آگسٽ 2022ع 08 محرم الحرام 1444ھ | قيمت 10 روپيا | شمارو 292

عمران خان فارن فنڈرز سان معاهدي تحت سي پيڪ بند ڪيو، ڪشمير جو سودو ڪيو: مريم اورنگزيب

چئن ڏينهن کان پرڏيهي ايجنٽ عمران خان جي پارٽي کي پرڏيهي امداد ڏيندڙ پارٽي قرار ڏنو پيو وڃي، اهو فيصلو 8 ڏينهن ۾ نه پر 8 سالن ۾ آيو آهي

اها درخواست 2014ع ۾ اڪبر ايس بابر داخل ڪئي هئي، تحريڪ انصاف 51 پيرا ملتوي ڪرائي، 9 پيرا وڪيل تبديل ڪيا: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ

8 سال اهو عرصو آهي جنهن ۾ ڪنهن به پارٽي خلاف فيصلو ناهي آيو، فيصلي ۾ تحريڪ انصاف کي پرڏيهي امداد ڏيندڙ پارٽي قرار ڏنو ويو آهي، عمران خان جمع ڪرايا

عمران خان چا ڪيو. اهو ڄاڻي واڻي، هاڻي اهي ٽيڪنيڪل سببن جو حوالو ڏئي رهيا آهن، عمران خان کوڙ ڳالهائي رهيو آهي، هي ڪو ٽيڪنيڪل معاملو ناهي

پي پي او 2002 تحت ڪا به پارٽي پرڏيهي ڪمپني يا فرد کان پئسا نه وٺي سگهي ٿي، توهان پنهنجو اڪائونٽ ظاهر نه ڪيو آهي چوته هي پئسا چوري ٿي ويا هئا

اهي پڇندا رهيا. سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي اڪائونٽن ۾ پئسا اچڻ لاءِ عمران خان لڪائيندو رهيو، هاڻي چئي رهيا آهن ته اهو ٽيڪنيڪل معاملو آهي: وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) سڌ سماءُ واري مملڪتي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته فوجي آفيسرن جي شهادت تي پي ٽي آءِ طرفان ٽرولنگ ڪئي وئي، هي افسوسناڪ ۽ شرمناڪ عمل آهي، سندن ڏهنيت ٽرولنگ آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

مريم اورنگزيب چيو ته چئن ڏينهن کان پرڏيهي ايجنٽ عمران خان جي پارٽي کي پرڏيهي امداد ڏيندڙ پارٽي قرار ڏنو پيو وڃي، اهو فيصلو 8 ڏينهن ۾ نه پر 8 سالن ۾ آيو آهي، اها درخواست 2014ع ۾ اڪبر ايس بابر داخل ڪئي هئي. تحريڪ انصاف 51 پيرا ملتوي ڪرائي، 9 پيرا وڪيل تبديل ڪيا، هاڻي چئي رهيا آهن ته اهو فيصلو

جلدبازي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

موجوده حڪومت هر شعبي ۾ بري طرح ناڪام ٿي چڪي: عمران خان

اجلاس دوران ايم اين ايز جون استعيفائون مرحليوار منظور ٿيڻ خلاف حڪمت عملي تي صلاح مشورا ڪيا ويا

موجوده حڪومت هر ميدان ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، عوام کي وڌيڪ موجوده نظام جو شڪار ٿيڻ نه ڏنو ويندو: عمران خان

حڪومت جلد چونڊن جي تاريخ ڏئي، پي ٽي آءِ 14 آگسٽ تي زبردست پاور شو ڪندي: پي ٽي آءِ چيئرمين

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جي سياسي ڪميٽي جي اجلاس دوران 14 آگسٽ تي اسلام آباد ۾ پاور شو جو فيصلو ڪيو ويو آهي عمران خان جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ اسلام آباد جي پريڊ گرائونڊ تي جلسي جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12



آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ سون جي قيمت ۾ وڏي واڌ ٿيندي: ذريعا

ڪراچي (رپورٽ) آگسٽ جي پهرين 5 ڏينهن دوران مسلسل گهٽتائي ڪنهن، اڄ ملڪ ۾ سون جي في تولي قيمت ۾ اضافو ٿيو آهي. سنڌ صرافہ بازار جيولرز ايسوسي ايشن موجب اڄ هڪ تولا سون جي اڳهه ۾ هڪ سئو روپيا واڌ ٿي وئي آهي. اهڙي طرح سون جي 10 گرام جو اڳهه 1372 رپين جي واڌ سان 1 لک 23 هزار 28 رپيا آهي. ايسوسيئيشن موجب عالمي مٽا سٽا ۾ سون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان منعقد ٿيل جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سيشن ڪورٽ عامر لياقت جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ واري فيصلي تي اسٽي جاري ڪري ڇڏيو

سيشن جج اوپر جي عدالت ۾ عامر لياقت جي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ واري فيصلي خلاف داخل اپيل جي ٻڌڻي ٿي: ذريعا

عدالت درخواستگذار جي وڪيل جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ اوپر جي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ واري فيصلي تي اسٽي جاري ڪري ڇڏيو

عدالت درخواستگذار عبدالاحد ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ اوپر کي نوٽيس جاري ڪندي 11 آگسٽ تائين جواب طلب ڪري ورتو. دائميه شاهه جي طلاق ٿي وئي آهي: بشرا اقبال

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سيشن ڪورٽ اوپر عامر لياقت جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ واري فيصلي تي اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو آهي. سيشن جج اوپر جي عدالت ۾ عامر لياقت جي اپيل جي ٻڌڻي ٿي. عدالت درخواستگذار جي وڪيل ضياء اعوان جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ اوپر جي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ واري فيصلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پرڏيهي فنڊنگ ڪيس، اسد قيصر وڏي ڏاڇي ۾ پئجي ويو

ايف آءِ اي پشاور جي جاچ آفيسر طرفان اسد قيصر کي يارنهن آگسٽ تي ايف آءِ اي خيبرپختونخوا آفيس ۾ پيش ٿيڻ جو چيو ويو آهي: موڪليل نوٽيس جو متن

توهان به بئنڪ اڪائونٽ کوليا ۽ استعمال ڪيا تنهنڪري ذاتي حيثيت ۾ جاچ ٽيم اڳيان پيش ٿيو ۽ بئنڪ اڪائونٽن بابت سوالن جا جواب ڏيو: ذريعا

اليڪشن ڪميشن طرفان ممنوع فنڊنگ ڪيس واري فيصلي بعد ايف آءِ اي به پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ آفيس ملازمن کان پڇا ڳاڇا شروع ڪري ڇڏي

پشاور (م ڊ) ممنوع فارين فنڊنگ ڪيس جي انڪوائري جي سلسلي ۾ وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر کي طلب ڪري ورتو آهي. ايف آءِ اي پشاور جي جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڄ به اسان جي هٿ جونهيل ڪراچي هلي رهيو آهي، شهري چوڪيدار متائين: مصطفيٰ ڪمال

ڪراچي وارا پنهنجو چوڪيدار متائين، چوته جنهن گهر جو چوڪيدار چورن سان گڏجي وڃي، ان گهر کي ڪير نڪو بچائي سگهي

سڄي دنيا ۾ ادارا لوڪل گورنمينٽ جي ماتحت ڪيا ويندا آهن پر هتي لوڪل گورنمينٽ وٽ اختيار ئي ناهن هوندا

ڪراچي ۾ برسات جي تباهين تي ڪير پڇ ڳاڇو ناهي، شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جو به مسئلو آهي، هي ملڪ آنو تي هلي رهيو آهي

ڪراچي (م ڊ) پاڪ سرزمين پارٽي جي سربراهه مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ڪراچي وارا پنهنجو چوڪيدار متائين، چوته جنهن گهر جو چوڪيدار چورن سان گڏجي وڃي، ان گهر کي ڪير نڪو بچائي سگهي. ڪراچي جي احتساب عدالت ۾ هاڻي صحافين سان گڏ الهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته سڄي دنيا ۾ ادارا لوڪل گورنمينٽ جي ماتحت ڪيا ويندا آهن پر هتي لوڪل گورنمينٽ وٽ اختيار ئي ناهن هوندا. هن چيو ته ڪراچي ۾ برسات جي تباهين تي ڪير پڇ ڳاڇو ناهي، شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جو به مسئلو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پي ٽي آءِ 9 تڪن ۾ ننديءِ چونڊ واري شيڊول کي چئلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ طرفان وڪيل فيصل چوڌري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ متفرق درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان چونڊ شيڊول ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي

پي ٽي آءِ پر ايم اين ايز جون استعيفائون مرحليوار منظور ٿيڻ خلاف درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي، عدالت چار آگسٽ تي درخواست تي ٻڌڻي ڪري نوٽيس جاري ڪري چڪي آهي: ذريعا

ننديءِ چونڊ بابت شيڊول ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، پي ٽي آءِ جي مرڪزي ڪيس جي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊول معطل ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ قومي اسيمبلي جي 9 تڪن تي ننديءِ چونڊ لاءِ اليڪشن ڪميشن جي جاري ڪيل شيڊول اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ طرفان وڪيل فيصل چوڌري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ متفرق درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان چونڊ شيڊول ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. عدالت چار آگسٽ تي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

امين الحق چوي تو روئي ڪنهن جي اڳيان، مان چوان تو آئينو اڳيان: علي زيدي

ايم ڪيو ايم اڳواڻ امين الحق چوي ٿو ڪنهن جي سامهون روئي، مان چوان ٿو آئيني ڏي

سنڌ حڪومت هن وقت تائين شهر مان ڪچرو گڏ نه ڪيو آهي، مڪاني چونڊون به نه ڪرايون ويون

ڪراچي ۾ ٻين پارٽين جا ميئر آيا پر اسان فائر برگيڊ ڏني، 2019ع ۾ مون وزير هئڻ جي نالن جي صفائي ڪرائي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ علي زيدي جو چوڻ آهي ته ايم ڪيو ايم اڳواڻ امين الحق چوي ٿو ڪنهن جي سامهون روئي، مان چوان ٿو آئيني ڏي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي علي زيدي چيو ته سنڌ حڪومت هن وقت تائين شهر مان ڪچرو گڏ نه ڪيو آهي. مڪاني چونڊون به نه ڪرايون ويون. اڳوڻو ميئر اقتدار سنيالينڊو رهين علي زيدي چيو ته ڪراچي ۾ ٻين پارٽين جا ميئر آيا پر اسان فائر برگيڊ ڏني، 2019ع ۾ مون وزير هئڻ جي نالن جي صفائي ڪرائي. اسان 35 ارب رپيا خرچ ڪري نالن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پرڏيهي قرض ملڻ مشڪل آهي، هاڻي قرض وٺندي شرم به اچي ٿو: مفتاح اسماعيل

متحده عرب امارات کان 1996 ۾ ڪنيل قرض اڃا واپس نه ڪيو اٿئون، سعودي عرب سان به ساڳي ڪار ڪئي آهي

ساڳين ملڪن ڏانهن ٻيهر قرض ڪٽڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو، ڪڏهن شهباز شريف کان ته ڪڏهن آرمي چيف کان فون ڪرايون ٿا

خبر ناهي ته ملڪ ڪيئن هلائي رهيا آهيون، پرڏيهي قرض ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي ۽ هاڻي قرض وٺندي شرم به اچي ٿو

ننڍن دوڪاندارن کان هاڻي فِڪس ٽيڪس بدران ويريئبل ٽيڪس اوڳاڙيندا سين، ٽن مهينن کانپوءِ بجلي سستي ٿي ويندي

اي سي ڪوچز جي في سيٽ تي لڳايل 4 هزار روپين واري ٽيڪس گهٽائي 15 سئو رپيا ڪئي اٿئون: ناٽي وارو وفاقي وزير

وڏن واپارين ۽ ايڪسپورٽرز کي سستي بجلي ۽ گئس ڏني ويندي: ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (م ڊ) ناٽي واري وفاقي وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته پرڏيهي قرض ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي ۽ هاڻي قرض وٺندي شرم به اچي ٿو متحده عرب امارات کان 1996 ۾ ڪنيل قرض اڃا واپس نه ڪيو اٿئون، سعودي عرب سان به ساڳي ڪار ڪئي آهي، ساڳين ملڪن ڏانهن ٻيهر قرض ڪٽڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو ڪڏهن شهباز شريف کان ته ڪڏهن آرمي چيف کان فون ڪرايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02



ڪراچي: ناٽي وارو وفاقي وزير مفتاح اسماعيل پريس ڪانفرنس ڪندي

عوام ۽ سرندي وارا ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۾ مدد ڪن: وزيراعظم جي اپيل

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ٿيو

تاريخي برسات قيامت برپا ڪري ڇڏي آهي، ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪئي وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

بلوچستان ۾ ٻوڏ سبب غير معمولي تباهي آئي، سنڌ، ڪي پي ۽ پنجاب ۾ به تمام گهٽو نقصان ٿيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف برسات ۽ ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي فنڊ قائم ڪري ڇڏيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ٿيو ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ امدادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نواز شريف 15 سيپٽمبر تائين پاڪستان پهچي ويندو: جاويد لطيف

جيئن جيئن عمران خان جو اصل چهرو سامهون اچي رهيو آهي، تيئن تيئن سندس فريب عوام ۾ نمايان ٿي رهيو آهي

هاڻي عمران کي بچائڻ وارن سندس مٿي تان هٿ مٿي ڪري ڇڏيا آهن، اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان عمران خان به نااهل ٿي ويندو

سندس پارٽي ته به پابندي هوندي، اهو وقت پري ناهي جڏهن پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ وٺڻ وارو به ڪو نه هوندو: مسلم ليگ ن جو اڳواڻ

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ جاويد لطيف جو چوڻ آهي ته امڪان آهي ته نواز شريف 15 سيپٽمبر تائين پاڪستان پهچي ويندو. پنهنجي هڪ بيان ۾ جاويد لطيف چيو ته جيئن جيئن عمران خان جو اصل چهرو سامهون اچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پنجاب جي 21 رڪني ڪابينا حلف کڻي ورتو

گورنر بليغ الرحمان ڪابينا ميمبرن کان حلف ورتو، حلف برداري تقريب ۾ وڏو وزير پرويز الاهي به شريڪ ٿيو

حلف کڻندڙن ۾ ميان اسلم اقبال، علي عباس شاهه، محسن لغاري، تيمور ملڪ، راجا بشارت همايون شامل آهن

لاهور (م ڊ) پنجاب جي 21 رڪني ڪابينا عهدن جو حلف کڻي ورتو. گورنر بليغ الرحمان ڪابينا ميمبرن کان حلف ورتو. حلف برداري تقريب ۾ وڏو وزير پرويز الاهي به شريڪ ٿيو. حلف کڻندڙن ۾ ميان اسلم اقبال، علي عباس شاهه، محسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ حڪومت کي اسيمبليز ٽوڙڻ لاءِ هڪ مهيني جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو

اسان کي اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به فيصلي ۽ چونڊن جي عمل تي پروسو نه آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري

ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ اسان اسلام آباد ۾ وڏي اجتماع جي تاريخ ڏينداسين، جلسي ۾ اسان چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو الٽيميٽم به ڏينداسين

جيڪڏهن حڪومت هڪ مهيني اندر اسيمبليز ٽوڙي عام چونڊن جو اعلان نٿي ڪري ته پوءِ اسان جي اڳين قدم لاءِ تيار ٿي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پي ٽي آءِ حڪومت کي اسيمبليز ٽوڙڻ لاءِ هڪ مهيني جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته اسلام آباد ۾ وڏي جلسي جو به اعلان ڪيو ويو آهي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فواد چوڌري /جيو آهي ته اسان کي اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به فيصلي ۽ چونڊن جي عمل تي پروسو نه آهي هن جيو ته ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ اسان اسلام آباد ۾ وڏي اجتماع جي تاريخ ڏينداسين. جلسي ۾ اسان چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو الٽيميٽم به ڏينداسين. اسان تائين ڪلچر کي تبديل ڪنداسين. جيڪي اهلڪار ڏوهن يا قبضن ۾ ملوث آهن. انهن کي سزائون ملنديون آءِ جي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسپيڪر 30 ڏينهن ۾ اپوزيشن ليڊر جي معاملي تي فيصلو ڪري: لاهور هاءِ ڪورٽ

قومي اسيمبلي جو اسپيڪر 30 ڏينهن ۾ اپوزيشن ليڊر جي معاملي تي فيصلو ڪري عدالت قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي اپوزيشن ليڊر جي معاملي تي فيصلو ڪرڻ جو حڪر ڏنو

ايڊيشنل اٽارني جنرل لاڪابيل اختيارين کي فيصلي کان آگاهه ڪري عدالت رجسٽرار کي فيصلي ۽ درخواست جي ڪاپي اسپيڪر تائين پهچائڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ اپوزيشن ليڊر راجا رياض کي هٽائڻ بابت درخواست تي لکت ۾ فيصلو جاري ڪندي چيو آهي ته قومي اسيمبلي جو اسپيڪر 30 ڏينهن ۾ اپوزيشن ليڊر جي معاملي تي فيصلو ڪري عدالت کي آگاهه ڪري. عدالت رجسٽرار کي فيصلي ۽ درخواست جي ڪاپي اسپيڪر تائين پهچائڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي. فيصلو ڪرڻ جو حڪر ڏنو آهي عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته ايڊيشنل اٽارني جنرل لاڪابيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سنڌ پوليس ۾ 27 هزار نين پرتين جو اعلان ڪيو ويو

هلندڙ سال تائين اهي پرتيون ٽينديون، اسان تائين ڪلچر کي تبديل ڪنداسين، جيڪي اهلڪار ڏوهن يا قبضن ۾ ملوث آهن: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ

انهن کي سزائون ملنديون آءِ جي سنڌ خصوصي ڳالهه هولهه ڪئي آهي، قبضن ۾ جيڪڏهن پوليس اهلڪار ملوث نڪتو ته اُن خلاف سخت ڪارروائي ٽينديون

دهشتگردي کي روڪڻ لاءِ صوبي ۾ سي ٽي ڊي پوليس موجود آهي، اينٽي انڪروچمينٽ جي وردي ۽ گاڏين پوليس جي گاڏين ۽ وردين جهڙيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ سنڌ پوليس ۾ 27 هزار نين پرتين جو اعلان ڪندي چيو آهي ته هلندڙ سال تائين اهي پرتيون ٽينديون. اسان تائين ڪلچر کي تبديل ڪنداسين. جيڪي اهلڪار ڏوهن يا قبضن ۾ ملوث آهن. انهن کي سزائون ملنديون آءِ جي سنڌ خصوصي ڳالهه هولهه ڪئي آهي، سندس چوڻ هو ته قبضن ۾ جيڪڏهن پوليس اهلڪار ملوث نڪتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

تنڊو محمد خان ۾ گورنمنٽ بوائز مين پرائمري اسڪول ۾ آفر ليٽر ورهائڻ جي تقريب

آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ پي ايس ٽي اميدوارن ۾ آفر ليٽر ورهائڻ جي تقريب منعقد ٿي

حڪومت ميرٽ تي پرتي ڪري نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي: اعجاز حسين شاهه

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان ضلعي اندر ايس ايس پي عبدالله اسڪول ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ پي ايس ٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 44



د تنڊو محمد خان ضلعي انٽر ايس ايس پي عبدالله ميمڻ پارن سيڪيورٽي جي هدايت

ننڍن وڏن شهرن ۾ مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪري ڇڏي

سيڪيورٽي لاءِ ليڊيز پوليس اهلڪارن سميت پوليس جوان سيڪيورٽي جا فرض نيائي رهيا آهن

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان ضلعي اندر ايس ايس پي عبدالله ميمڻ پارن محرم الحرام جي موقعي تي انتهائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 45



پارٽي باربردار سيڪورٽي فورس پاڪستاني ماهيگيرن ۽ پنج بيڙين کي پڪڙي ورتو

ڏهن ڪن وڏيڪ ماهيگيرن سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي جان بچائي پنهنجي ماڳ تي پهچي ويا

ملاح جو تعلق جاتي تعلقي جي ساحلي پٽي واري ڳوٺ زيرو پوائنٽ سان ٻڌايو پيو وڃي

ٽٽو(ب) پارٽي باربردار سيڪورٽي فورس عربي سمنڊ جي حرامي ڍوري مان هڪ پاڪستاني ماهيگيرن ۽ پنج بيڙين کي پڪڙي ورتو. جڏهن ته ڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 43



ڪرنل ترائيل ماڊل ڪورٽ جي جج نذير بدر قاضي جي عدالت ۾ قتل ڪيس جي ٻڌڻي

مختيار چانڊيو، ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو ۽ چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ ايم پي اي برهان خان چانڊيو به عدالت ۾ پيش ٿيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي ڪرنل ترائيل ماڊل ڪورٽ جي جج نذير بدر قاضي جي عدالت ۾ ام رباب چانڊيو جي تن گهر پاتين والد مختيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 46



ڏيپٽي ڪمشنر ٽنڊو غضنفر علي قادري پاران رينجرز جي ونگ ڪمانڊر سان گڏ دورو

ڪرنل اڪمل، ايس ايس پي ٽنڊو عديل حسين چانديو، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي عملدارن پاران دورو

مختلف علاقن جو گڏيل دورو ڪري سيڪيورٽي سميت تمام انتظامن جي صورتحال جو جائزو ورتو

ٽٽو(ب) ڏيپٽي ڪمشنر ٽنڊو غضنفر علي قادري پاران رينجرز جي ونگ ڪمانڊر 32 ونگ ٽر بدين ڪرنل اڪمل، ايس ايس پي ٽنڊو عديل حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42



ڏيپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد عامر حسين پنهور پاران قاضي احمد شهر جو دورو

رڪاوٽن کي هٽائڻ لاءِ تائون انتظاميه کي پهريان کان ئي هدايتون جاري ڪيون ويون

صورتحال کي بهتر بنائڻ ۽ عزادارن کي فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي

نوابشاهه (رپورٽ اي ڪي ڊاهري) ڏيپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد عامر حسين پنهور قاضي احمد جو شهر جو دورو ڪري ماتمي جلوسن جي روٽن جو جائزو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 47



نوشهرو فيروز پاڪستان تحريڪ انصاف يوٿ ونگ ضلع نوشهرو فيروز جي حلف برداري تقريب

ضلع جي حلف برداري تقريب شان سنڌ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر نوشهرو فيروز ۾ ٿي گذري

تحريڪ انصاف يوٿ ونگ شهيد بينظير آباد جنرل سيڪريٽري عبدالله عباسي ۽ ٻين جي شرڪت

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پاڪستان تحريڪ انصاف يوٿ ونگ ضلع نوشهرو ووڪيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41



لائيو اسٽاڪ ڪاتي شهيد بينظير آباد پاران تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺن ۾ دورو

علاج ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ مفت ويڪسي نيشن ڪيمپون قائم ڪيون ويون

ڊاڪٽر اعجاز حسين لغاري جي اڳواڻي ۾ برسات کانپوءِ جانورن جو مفت علاج ڪيو ويو

نوابشاهه (رپورٽ اي ڪي ڊاهري) لائيو اسٽاڪ ڪاتي شهيد بينظير آباد پاران تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ حمزو خان جتوئي ۽ تعلقي دوڙ جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 48



قومي عوامي تحريڪ ضلعو ٺٽو جو اهم اجلاس زيرصدارت منور پٽو ٿيو

مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو جي نگراني ۾ پٽي هائوس مڪلي ۾ ٿي گذريو

3 مهينن لاءِ قومي عوامي تحريڪ ٺٽي جي آرگنائيزنگ ڪميٽي اڪثريت راءِ سان جوڙي وئي

ٺٽو (بر) قومي عوامي تحريڪ ضلعو ٺٽو جو اهم اجلاس زيرصدارت منور پٽو وڪيل ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو جي نگراني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



دڙو ۾ جي يو آئي طرفان وڌندڙ بدامني، لاقانونيت، منشيات خلاف احتجاجي مظاهرو

لاقانونيت، منشيات ۽ ٻين سماجي برائين خلاف حافظ عبدالغفور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ريلي

ريلي ۾ پ پ شهيد ڀٽو، تحريڪ لبيڪ، نوازليگ، پ پ، قومي عوامي تحريڪ شرڪت ڪئي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ جي يو آئي طرفان وڌندڙ بدامني، لاقانونيت، منشيات ۽ ٻين سماجي برائين خلاف حافظ عبدالغفور ميمڻ، زبير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



ڊيئي لڳ ڳوٺ ميٺان جي رهواسين پاران اسڪول جي مرمت نه ٿيڻ خلاف احتجاج

بوائز پرائمري اسڪول ميٺان جي عمارت وزيراعظم محمد خان جوڻيجو جي دور ۾ ملي

فرنيچر، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ انيڪ مسئلن باوجود 180 ٻارڙن کي تعليم ڏين پيا:رهواسي

ٽنڊوباگو (رپورٽ:_ سهيل سمون) ڊيئي لڳ ڳوٺ ميٺان تعلقو ٽنڊوباگو ضلع بدين جو 60 سال پراڻو اسڪول بوائز پرائمري اسڪول ميٺان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



ڪراچي جي رهواسڻ قبي سعيد خان جي رهواسي نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي

سميره ڏي مريد حسين گهران نڪري قبي سعيد خان جي رهواسي نوجوان سان شادي ڪئي

گهران نڪري نوجوان سان شريعت موجب قمبر جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪيو آهي:ناري

شهدادڪوٽ(رپورٽر) ڪراچي جي رهواسڻ قبي سعيد خان جي رهواسي نوجوان سان قمبر جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري پريس ڪلب شهدادڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



ٺٽي ۾ لاپرواهي سبب گهوڙاٻاري لڳ تارون ڪرڻ سبب 4 ڍڳيون موقعي تي مري ويون

103 موري جي پرسان صدناٽي ٻيلي ۾ سنڌس ڍور چري رهيا هئا ته تارون ڪري پيون

گهوڙاٻاري ٽائين بجلي جو سمورو نظام خانگي ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو آهي:ذريعا

ٺٽو (بر) واپڊا انتظاميا جي لاپرواهي جي ڪري گهوڙاٻاري لڳ 103 موري پرسان بجلي جون 11 هزار جون تارون ڪرڻ سبب مقامي زميندار ربنواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مانجهند تعلقه اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ٿيل ٿيليسيميا جو مريض فوت

مريض ڊاڪٽر ۽ سهولت نه هئڻ سبب تڙپي تڙپي فوت وارثن جو احتجاج

گئس سيلينڊر جو بندوبست ٿيل هو پر تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو: الله بخش حاجاڻو

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند تعلقه اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ٿيل ٿيليسيميا جو مريض ڊاڪٽر ۽ سهولت نه هئڻ سبب تڙپي تڙپي فوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

وائيلڊ لائيف ڪاتي شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي ڊپٽي ڪنزرويٽو پاران دورو

گيم انسپيڪٽر غلام مرتضي خشڪ پنهنجي اسٽاف لياقت علي وڳڻ پاران دورا

ماڻهن کي آگاه ڪيو ته سنڌو درياه ۾ پاڻي وڌڻ ڪري ٻوڏ واري صورتحال آهي: ڊپٽي ڪنزرويٽو

نوشهروفيروز: (رپورٽ منظور ملڪ) وائيلڊ لائيف ڪاتي شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي ڊپٽي ڪنزرويٽو دارا منير قاضي جي حڪم تي جهنگلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهوٽڪي پوليس جو مبينا مقابلو هڪ ڄڻو مارجي ويو، ساٿي فرار ٿي ويا

مارجي ويل جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي ، مقابلو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ٿيو

فرار ٿيل ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ پڻ ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون آهن :علمدار

گهوٽڪي(بر) گهوٽڪي پوليس جو مبينا مقابلو هڪ ڄڻو مارجي ويو سندس ساٿي فرار مارجي ويل جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي مقابلو بي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پي شهيد ڀٽو ڪارڪنن جو سڄاول جوڻيجو پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج

شهدادڪوٽ ۾ سڄاول جوڻيجو پوليس جي ظلم خلاف شهيد ڀٽو ڪارڪنن احتجاج ڪيو

فيض مينگل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

حملو ڪري گولين هڻي بلاول جروار کي زخمي ڪري هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا :مظاهرين

شهدادڪوٽ(رپورٽر) شهدادڪوٽ پي پي شهيد ڀٽو ڪارڪنن جو سڄاول جوڻيجو پوليس جي مبينا ناانصافين ۽ ظلم خلاف احتجاجي ريلي، ڊرٽي شهدادڪوٽ ۾ سڄاول جوڻيجو پوليس جي ظلم خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



پي شهيد ڀٽو ڪارڪنن جو سڄاول جوڻيجو پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج ڪيو ويو

پ پ پ اڳواڻ سڪندر علي چانڊيو پاران سول اسپتال منياڻي جو دورو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ)ٽائون ڪاميٽي منياڻي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع نوشهروفيروز اڳواڻ ر سڪندر علي چانڊيو RHCسول اسپتال منياڻي جو دورو ڪيو ايم ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊوباگو ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ عزاداري شهيد ڪربلا جو سلسلو جاري

بچل شاه امام بارگاه ،پهاڙ مري امام بارگاه، سميت شهر ۽ پسگردائي ۾ عزاداري

وڏن پڙن تان ڪربلا جي گهوٽ شهزادي قاسم جي مهيندي ۽ سيجون ڪڍيون وينديون

،ٽنڊوباگو(رفاقت جروار) ٽنڊوباگو ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ عزاداري شهيد ڪربلا جو سلسلو جاري آهي، ٽنڊوباگو جي مرڪزي امام بارگاه عزا خانہ زهرا، بچل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف پوليس جون ڪارروايون

دادو ۾ پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو 7 جواري گرفتار، ڪيس داخل ڪيو ويو

جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي لڊو گيم تي جوا ڪيڏندڙ 7 جوارين کي گرفتار ڪري ورتو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ايس ايس پي دادو عرفان علي سمون جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف دادو پوليس جون ڪارروايون.دادو ۾ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن

ڪرمپور ٿاڻي جي حد مچي ڀنڊو ڳوٺ واري علائقي هٿياربندن هٿان نوجوان اغوا

اڻ ڄاتل هٿياربندن سکر کان ڪنڊڪوٽ واپس ايندي ڪار کي بيهاري نوجوان اغوا ڪيو

ڏوهارين جي فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب سهيل احمد ملڪ به زخمي ٿي پيو، پوليس پهچي وئي

مغوي جا وارث وڏي تعداد ۾ واقعي واري هنڌ پهچي مئن انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان ڪرمپور ٿاڻي جي حد مچي ڀنڊو ڳوٺ واري علائقي ۾ اڻ ڄاتل هٿياربندن سکر کان ڪنڊڪوٽ واپس ايندي ڪار کي بيهاري ڪنڊڪوٽ جي عيد گاه محلي جي رهواسي 18 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز ۾ صوفي شاعر غلام مصطفي زرداريءَ جي سال اڳ چوري واپس نه ٿي

علي مراد مست کان شروعات ڪندي هر ڳوٺ ۾ وڃي چوري واپس ڪرائڻ جي اپيل ڪندو رهيو

نامعلوم هٿياربندن داخل گهر مان لکين رپيا روڪ رقم، سونا زيورات ۽ ٻيو سامان ڦر ڪيو: متاثرين

قانون نالي ڪا شئيءَ موجود ناهي رهي جنهن سبب غريب شريف ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي چڪو آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)سنڌ جي مشهور ولي حافظ علي مراد مست جي پوٽي صوفي شاعر غلام مصطفي زرداريءَ جي هڪ سال اڳ ٿيل گهر مان چوري واپس نه ٿي، نه ئي رپورٽ داخل هجڻ باوجود پوليس ڪو قدم کنيو، متاثر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گولاڙچي جي نالي واري واپاري سيٺ آسن داس چرين جا وار ڪري زخمي

آسن داس واڻئي طرفان مزاحمت ڪرڻ ۽ گوڙ ٻڌڻ تي سنڌن پاڙي وارا پهچي ويا

تعلقي اسپتال ۾ طبي امداد ڪانپوءِ انڊس اسپتال بدين روانو ڪيو ويو آهي

جوابدار کي گرفتار ڪري واپاري کي انصاف فراهم ڪيو وڃي:واپارين جون ڳالهيون

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) گولاڙچي جي نالي واري واپاري سيٺ آسن داس کي رات نامعلوم حملي آور چرين جا وار ڪري زخمي ڪري ڇڏيو تفصيل موجب، گولاڙچي جي واپاري سيٺ آسن داس واڻيو ۽ سندس پٽ رات جو ميڊيڪل اسٽور بند ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ذاتي ڪوشش سان جنريٽر لڳايو ويو

اسپتال اسٽيڊ باءِ جنريٽر خريد ڪري مريضن لاءِ سهولت فراهم ڪئي وئي

ڊينٽل چيئر ۽ ايڪسري مشين پڻ نيون خريد ڪيون ويون آهن: خادم علي مگريو

نوشهروفيروز(: ڊ . ر)سول سرجن ڊاڪٽرخادم علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڏيپلو شهر ۾ چورين ۽ منشات بدامني خلاف واپارين ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

واپارين ۽ شهرين طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي ٽائرن کي باه ڏئي سخت احتجاج ڪيو ويو

عبدالرحمان اونو عمران باغي,غلام مصطفا ميمڻ, ابراهيم لنڊ عوامي تحريڪ اڳواڻ شريڪ

چورين جي وارداتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ڏيپلو ڪان مٺي مين روڊ تي احتجاج ڪيو ويندو:اڳواڻ ۾

ڏيپلو(ن سنڌيار) ڏيپلو شهر ۾ چورين ۽ منشات بدامني خلاف واپارين ۽ شهري اتحاد طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، پرامن شهر ڏيپلو ۾ چورين جو معمول بڻيل هجڻ ڪري واپارين ۽ شهرين طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي ٽائرن کي باه ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



ڏيپلو شهر ۾ چورين ۽ منشات بدامني خلاف واپارين ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

گورنمينٽ نيشنل ايگرو ٽيڪنيڪل ٽيچرس ٽريننگ سينٽر يوم استحصال جي موقعي تي تقريب

ٽنڊو محمد خان (بر مظفر علي بروهي) گورنمينٽ نيشنل ايگرو ٽيڪنيڪل ٽيچرس ٽريننگ سينٽر لطيف آباد نمبر 11 حيدرآباد ۾ پنج آگسٽ تي يوم استحصال جي موقعي تي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي پرنسيپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو لڳ شهيد مخدوم بلاول پرسان ڳوٺ لعل بخش سولنگي جو رهواسي نوجوان قتل

قتل جي واقعي جو اطلاع ملڻ تي شهيد مخدوم بلاول پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي

واحد بخش ۽ مون 7 مهينا اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو جوابدار 7 مهينن کان پئسا وٺندا رهيا: زال

وني کي بيهوشي جا دورا عورتون هنجون هاربندي قاتلن کي پٽون ۽ پاراتا ڏينديون رهيون

دادو(ن سنڌيار) دادو لڳ شهيد مخدوم بلاول پرسان ڳوٺ لعل بخش سولنگي جو رهواسي نوجوان قتل،شهيد مخدوم بلاول پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ايس ايڇ او مخدوم بلاول ڊاڪٽر ته پوسٽ مارٽم لاءِ لاش کڻي سول اسپتال دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين شاه قادري قبرستان لڳ بجلي ناهيندي ٿنڀي تان ڪرڻ سبب نوجوان فوت

قبرستان ۾ بجلي جي 11 هزار واري لائن جي ٿنڀي تي بجلي ناهيندي نوجوان ڪري پيو

سيراڻي روڊ جي امام بارگاه سجاديہ پاڙي جو رهواسي عزيز ملاح نالي نوجوان فوت ٿي ويو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين شاه قادري قبرستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪرمپور ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ مچي ڀنڊو واري علائقي ۾ جهيڙو، نينگر زخمي

ٻنهي ڌرين جي هٿياربندن جي هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ جاري

فائرنگ ۾ ڏهن ورهين جو نينگر وسيم اوڳاهي پٽ ياسين سخت زخمي ٿي پيو

پوليس واقعي واري هنڌ رواني ٿي ويئي آخري اطلاع موجب گرفتاري عمل ۾ نه آئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان ڪرمپور ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ مچي ڀنڊو واري علائقي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ڀڙڪي اٿيو ٻنهي ڌرين جي هٿياربندن جي هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

لاڙ جو مشهور ملهه پهلوان بيماري سبب بستري پيڙو مالي سهائتا جي اپيل

پهلوان سنڌ مل ايسوسيئشن ضلع بدين جو صدر پيار علي پٽي جي سهائتا نه ٿي

ثقافت جي خدمت ڪئي آهي پر ڏکئي وقت ۾ ڪيس ثقافت کاتي وساري ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) لاڙ جو مشهور ملهه پهلوان بيماري سبب بستري پيڙو مالي سهائتا جي اپيل تفصيل موجب لاڙ پٽ جو پلوڙ ۽ پهرين جوڙ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي هڪ سئو کان وڌيڪ صفائي واري عملي پاران احتجاج

ٽائون ملازمن جي پگهارن مان ٽيندڙ 6 کان 16 هزار روپيا ڪٽوتي خلاف احتجاج ڪيو ويو

سليم ميمڻ جي اڳواڻي ٽائون ڪميٽي جي عارضي آفيس اڳيان ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو

جيستائين بنا ڪٽوتي پگهار نٿو ملي تيستائين صفائي وارو عملو شهر ۾ صفائي نه ڪندو:مظاهرين

ٽنڊوباگو(رپورٽر) ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي هڪ سئو کان وڌيڪ صفائي واري عملي پاران ڪين جولائي مهيني جون پگهارون نه ملڻ، ٽائون ملازمن جي پگهارن مان ٽيندڙ 6 کان 16 هزار روپيا ڪٽوتي خلاف ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ٽائون آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23



ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي هڪ سئو کان وڌيڪ صفائي واري عملي پاران احتجاج ڪيو ويو

ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ ۽ ڊي سي پاران مختلف علائقن جو دورو

سکر (رپورٽر) ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ ، ڊپٽي ڪمشنر سکر جاويد احمد ٻين آفيسرن سان گڏجي روهڙي پنو عاقل سميت ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ۽ ماتمي جلوسن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شهدادڪوٽ ۾ ٻه نينگر پراسرار طور گم وارث پريشان، واهر جي گهر

ورهين جو اشفاق ڪوڪر ۽ 13 ورهين جو غلام مرتضيٰ عرف سونو سيال گم

نينگرن جي وارثن اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي نينگرن جي گمشدگي جو اطلاع ڏنو

شهدادڪوٽ(رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ ٻه نينگر پراسرار طور گم وارث پريشان، وس وارن کي ڳولا لاءِ مدد جي اپيل، شهدادڪوٽ جي اي سيڪشن ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



شهدادڪوٽ ۾ ٻه نينگر پراسرار طور گم وارث پريشان، واهر جي گهر ڪئي وئي

ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان گذريل رات دير تلهار ۽ ماتلي جو دورو

امام بارگاهن ۽ ماتمي جلوس جي رستن تي ڪيل انتظامن جو جائزو ورتو

انتظاميہ ماتمي جلوسن کي هر قسم جي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائيندي:ڊي سي

اسسٽنٽ ڪمشنر بدين محمد ماجد الطاف ماتلي ۽ تلهارجا اسسٽنٽ ڪمشنر پڻ موجود هئا

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان گذريل رات دير تلهار ۽ ماتلي جي مک امام بارگاهن جو دورو ڪري محرم الحرام ۾ امام بارگاهن ۽ ماتمي جلوس جي رستن تي ڪيل انتظامن جو جائزو ورتو منتظمين سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمن سهراب ڳوٺ يوسي چار جو دورو

گلن جي ورڪا ۽ جماعت اسلامي سپورٽر علي پنهور ٻين پاران آيل مهمانن کي تحفا پيش

اڳواڻن ٻڏي فوت ٿي ويل راجپوت برادري جي نوجوان آصف راجپوت جي گهر پهچي تعزيت ڪئي

صيفل ڳوٺ ,نورخان ڳوٺ,وزيرڳوٺ ,احسن آباد ۾ تعزيتون ڪيون ۽ عوامي ميڙن خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمن ۽ ضلعي شمالي جي امير يوسف ۽ ٻين جو سهراب ڳوٺ يوسي چار جو دورو ڪيوان موقعي هرهنڌ زبردست آجيان گلن جي ورڪا ۽ جماعت اسلامي سپورٽر علي پنهور ٻين پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪوسڪي روڊ تي بجلي جو سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيڻ تي احتجاجي مظاهرو

شهر جي ڪوسڪي روڊ بجلي جو سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

بوگس ميٽرن ذريعي چوري ڪان پوءِ غير قانوني لوڊ سبب ٽرانسفارمر سڙي ويو آهي:مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪوسڪي روڊ تي بجلي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جوهي ايڪشن ڪاميٽي پاران جوهي شهر ۾ صفائي نه ٿيڻ ڊرينج سسٽم ناڪاره

انتظاميا جي عملي خلاف وڪيلن جي معرفت جوهي جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪيو ويو

اڳواڻن سانوڻ ٻبر، غلام قادر لغاري، محمد ايوب لغاري،خليل عارف سومرو، محمد جمن ٻبر پاران احتجاج

جوهي ميونسپل ڪاميٽي انتظاميا سياست جي ور چڙهي وئي آهي، نوٽيس ورتو وڃي:ساجاه وندن جون ڳالهيون

جوهي (رپورٽ منصور گاڏهي)جوهي ايڪشن ڪاميٽي پاران جوهي شهر ۾ صفائي نه ٿيڻ ڊرينج سسٽم ناڪاره هجڻ سبب ميونسپل انتظاميا جي عملي خلاف وڪيلن جي معرفت جوهي جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪيو ويو آهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



جوهي ايڪشن ڪاميٽي پاران جوهي شهر ۾ صفائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ايڊمنسٽريٽر خيرپور ۽ ميونسپل انتظاميہ جي نااهلي سبب شهرجا رستا تباهه

خيرپور (رپورٽر) ايڊمنسٽريٽر خيرپور ۽ ميونسپل انتظاميہ جي نااهلي سبب شهر جا رستا گٽرن جو ڏيک ڏيڻ لڳا . شهر جي مختلف علائقن ۾ برسات جو گندو پاڻي بيٺل ، ڊرينيج سسٽم بلاڪ. عزاداري جو مرڪز محلا علي مراد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پٽ يوسي جنوجي ٽنڊو مير امام بخش ٽالپر ۾ 200 سالا تاريخي ماتم برآمد

تاريخي شهزاده قاسم عليہ السلام جو ڪنيي جو ماتم مجلس عزا برپا ڪئي وئي

عزادارن پاران ياحسين ياحسين جون صدائون گونجنديون رهيون. ماتم مجلس عزا برپا ڪئي وئي

مير معشوق علي ٽالپر غلام شبير سهتو ۽ ٻين ڪربلا جي شهيدن جي ڏنل قربانين تي روشني وڌي

صالح پٽ(رپورٽ نياز مهر) صالح پٽ يوسي جنوجي ٽنڊو مير امام بخش ٽالپر ۾ 200 سالا تاريخي شهزاد قاسم عليہ السلام جو ڪنيي جو ماتم مجلس عزا برپا ڪئي وئي تفصيل موجب صالح پٽ يوسي جنوجي ۾ ٽنڊو مير امام بخش ٽالپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خدا آباد پرسان ڳوٺ برماڻي جي رهواسي محمد نواز برماڻي پاران احتجاجي مظاهرو

بااثر ڌر علي رضا ۽ اعظم مهيسر زمين تي قبضو ڪرڻ چاهن پيا: محمد نواز برماڻي

زمين تي لڳل علم پاڪ هٽائي ديواري اڏي زمين تي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن

دادو(ن سنڌيار) خدا آباد پرسان ڳوٺ برماڻي جي رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو مستي خان ۾ انتظاميہ جي نااهلي سبب صفائي سترائي تي نه سگهي

عزادار ۽ مومنين برسات ۽ نالين جي گندي پاڻي مان گذرڻ تي مجبور بڻيل

انتظاميہ جي لاپرواهي ۽ نااهلي سبب برسات جو گندو پاڻي گهٽين ۾ بيٺل آهي

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پرسان يوسي ٽنڊو مستي خان ۾ انتظاميہ جي نااهلي سبب صفائي سترائي تي نه سگهي . عزادار ۽ مومنين برسات ۽ نالين جي گندي پاڻي مان گذرڻ تي مجبور بڻيل ، سوشل ميڊيا تي يوسي چيئرمين خلاف باهه ٻري وئي . /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

بنارس ڪالوني خيرپور ۾ سيد ضمير حسين شاهه موسوي جي حويلي تي مجلس

مجلس عزا ٿي گذري ، جنهن کي مشهور علماءِ اڪرام ، ذاڪرين خطاب ڪيو

درگاهه آف فتح پور جي گادي نشين پير سيد امتياز حسين شاهه موسوي دعاءِ خير پڙهائي

خيرپور (رپورٽر) بنارس ڪالوني خيرپور ۾ سيد ضمير حسين شاهه موسوي جي حويلي تي مجلس عزا ٿي گذري ، جنهن کي مشهور علماءِ اڪرام ، ذاڪرين خطاب ڪيو . جڏهن ته حويلي ڪان ڪربلا جي گهوٽ شهزادي قاسم عليہ السلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج خيرپور ميرس جي ٽيچرس ايسوسيئشن جو هنگامي اجلاس

پمس يونيورسٽي ۾ ضم ٿيڻ خلاف سازشي عناصر اجائي واويلا ڪري رهيا آهن :اڳواڻ

سينڊيڪيٽ جي 25 اجلاس ۾ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي حق ۾ تاريخي ۽ بهتر فيصلا ڪيا ويا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ميڊيڪل ڪاليج خيرپور ميرس جي ٽيچرس ايسوسيئشن جو هنگامي اجلاس صدر ڊاڪٽر جاويد اختر سمون جي اڳواڻي ۾ ٿي گذريو . اجلاس ۾ جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اختر قل ڊاڪٽر فرخ پنيرو سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

منياڻي ويجهو سڏوجا لنڪ روڊ تي درگاه سعدي نهراڻي پرسان پورهيت کان ڦر

3 هٿياربندن ڳوٺ حاجي عطار جي رهواسي غريب پورهيت منظور علي کان ڦر ڪئي

هٿياربندن موٽرسائيڪل پيسا ۽ موبائل فون ڦر ڪئي مزاحمت تي تشدد ڪيو آهي:نوجوان

نوشهرو فيروز(: رپورٽ منظور ملڪ) منياڻي ويجهو سڏوجا لنڪ روڊ تي درگاه سعدي نهراڻي پرسان ٽن 3 هٿياربندن ڳوٺ حاجي عطار جي رهواسي غريب پورهيت منظور علي عطار کان سپر پاور موٽر سائيڪل پنج هزار رپيه روڪ رقم ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊوباگو ۾ پبلڪ لائبريري، ٽائون ڪميٽي جي آفيس آڌو پاڻي بيٺل

برسات کان پوءِ ٽنڊوباگو شهر جي واحد پبلڪ لائبريري اڳيان گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل

تي فوٽ برساتي پاڻي بيهڻ ڪري اسپتال اندر اچڻ وڃڻ جا رستا بند ٿي ويا آهن:شهري اڳواڻ

ٽنڊوباگو(رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو ۾ برسات ۾ پبلڪ لائبريري، ٽائون ڪميٽي جي آفيس ۽ جانورن جي اسپتال برساتي پاڻي هيٺ اچي ويون. خبر موجب ٽنڊوباگو شهر ۾ ڇنڇر رات کان پوندڙ تيز برسات کان پوءِ ٽنڊوباگو شهر جي واحد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37



سرحد واسڻ عورت جو ٻئي ڏينهن به مڙس ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات غزالا سومرو، مڙس منظور علي سومرو ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو

پوليس وحشي مڙس منظور سومرو خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، انصاف ڪيو وڃي:عورت

سرحد(رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد واسڻ عورت جو ٻئي ڏينهن به مڙس ۽ پوليس خلاف احتجاج انصاف جون اپيلون. خبرموجب سرحد واسڻ مسمات غزالا سومرو، مڙس منظور علي سومرو ۽ پوليس جي زيادتين خلاف ٻئي ڏينهن به سرحد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38



سرحد پرسان پيري جي چوري ٿيل ڳئون ٻن ڏينهن بعد مئل حالت ۾ هٿ

سفاري پارڪ واري علائقي مان پيرو ڪنڊڙ پيري آچرمهر جي ڳئون چوري ٿي وئي

منهنجي چوري ٿيل ڳئون قاضي واهه مان مئل حالت ۾ ملي آهي: پيري آچرمهر

سرحد(رپورٽرغلام مهر) سرحد پرسان پيري جي ڳئون چوري ٿي وئي، ٻن ڏينهن بعد ڳئون مئل حالت ۾ هٿ. پيري جو احتجاج انصاف جو مطالبو خبرموجب سرحد ٿاڻي جي حد سفاري پارڪ واري علائقي مان پيرو ڪنڊڙ پيري آچرمهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39



دادو لڳ ڦلجي اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ سهراب ڪنڊي جي رهواسين جو احتجاج

سهراب ڪنڊي جي رهواسي عورتن دادو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

تڪرار تان ممتاز پنهور وارن هٿيارن سان مسلح ٿي اسان جو چوپايو مال ڪاهي ويا آهن:مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) دادو لڳ ڦلجي اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ سهراب ڪنڊي جي رهواسي عورتن دادو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو مظاهرين ريشما، شاهده ۽ بشيران چيو ته سڳاوتي تڪرار تان ممتاز پنهور وارن هٿيارن سان مسلح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40



ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi

Email: dailysindhyar@gmail.com
Tel: 021_35650370, 32046551 Fax: 35650371
Publisher: A.Hussain Printer: Sim Printing Press
I.I Chundrigar Road Karachi.
Office: 807 Trade Tower Abdullah Haroon Road Karachi

روزاني سنڌيار سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي.

آچر 07 آگسٽ 2022 ع

ڪراچي ۽ حيدرآباد جو انفرااسٽرڪچر

ٽائون پلاننگ ڪنهن به مهذب سماج ۾ هڪ اهم ترين شعبو آهي. چاڪاڻ ته ٽائون پلاننگ کان سواءِ شهرن کي ڪنهن به ريت رهڻ لائق نٿو بڻائي سگهجي. جن شهرن جي ٽائون پلاننگ بهتر هوندي آهي، اتي عوام لاءِ مسئلا به گهٽ پيدا ٿيندا آهن ۽ ان کان سواءِ قدرتي آفتن وقت به شهرن ۾ معمول واري زندگي گهٽ متاثر ٿيندي آهي ۽ ماڻهو پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ لڳا پيا هوندا آهن. پر اسان وٽ شهرن جي حالت ايتري ته خراب آهي جو جڏهن برسات وسندي آهي ته عوام جي زندگي سخت متاثر ٿيندي آهي ۽ ان کان سواءِ جيڪي به ڪاروهنوار آهن، انهن کي ڪرڻ ۾ سخت رنڊڪون اچي وينديون آهن. تنهنڪري شهرن جو انفرااسٽرڪچر بهتر ڪرڻ لازمي هوندو آهي. اهو تڏهن ئي سگهي ٿو جڏهن شهرن جو ڊرينيج سسٽم بهتر هجي، روڊ رستا سٺا ٺهيل هجن. فوٽ پاٿن تي ماڻهن جي هلڻ لاءِ جاءِ هجي ۽ ڪٿي به ڪا ڪچي آبادي يا وري گهٽيل آبادي نه هجي. پر سنڌ جي شهرن جي حالت اها آهي جو جتي به ڪو زمين جو ٽڪرو ڪنهن بلڊر کي نظر ايندو آهي ته اهو بنا ڪنهن پلاننگ جي اتي ڪو پلازه يا شاپنگ مال اڏي ڇڏيندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ شهر هاڻ رهڻ لائق ئي ڪونه رهيا آهن. پر سنڌ حڪومت کي ان پاسي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. هر شهر لاءِ ڪروڙين ۽ اربين روپين جون بجيٽون منظور ڪيون وينديون آهن پر اهي ڪٿي ٿيون خرچ ٿين، اهو عوام کي نظر ڪونه ايندو آهي.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان خواجا اظهار جي اڳواڻي ۾ ايم ڪيو ايم جي 17 رڪني وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تازين برساتن سبب تباهه ٿيل انفرااسٽرڪچر جي مرمت ۽ بحالي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد جي ٻين ميمبرن ۾ جاويد حنيف، محمد حسين، حامد الظفر، راشد خلجي، عديل شهزاد ۽ ٻيا شامل هئا. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، سعيد غني، مرتضيٰ وهاب ۽ وقار مهدي پڻ شرڪت ڪئي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ خواجا اظهار وڏي وزير کي ٻڌايو ته تيز برساتن سبب ڪراچي ۽ حيدرآباد جو انفرااسٽرڪچر گهڻو متاثر ٿيو آهي، روڊن تي کڏا ٺهجي ويا آهن ۽ نيڪال جي لائينن کي سخت نقصان پهتو آهي. خواجا اظهار جو چوڻ هو ته نيڪال جي لائين جو ٽٽل هئڻ سبب ڪراچي ۽ حيدرآباد ٻنهي شهرن ۾ ٽريفڪ جي رواني مسئلو بڻجي وئي آهي، جنهن سبب ٽريفڪ جام ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي. وڏي وزير ايم ڪيو ايم جي وفد کي ٻڌايو ته سندس حڪومت شهر جي روڊن ۽ نيڪال سسٽم جي مرمت ۽ بحاليءَ لاءِ 5 ارب رپيا اڳواٽ ئي مختص ڪيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڪابينا شهر ۾ تازو شروع ڪيل ستين پيپلز بس سروس جي روٽ سان گڏ خراب ٿيل روڊ ۽ نيڪال لائينن جي مرمت لاءِ وڌيڪ 1 ڏهائي 5 ارب رپين جي منظوري ڏني. مراد علي شاهه چيو ته اسيمبلي حيدرآباد جي روڊن جي مرمت لاءِ الڳ بجيٽ پڻ منظور ڪئي آهي. هن دوري تي آيل وفد کي يقين ڏيارايو ته ٻنهي شهرن ۾ جلد مرمت ۽ سار سنڀال جو ڪم شروع ڪيو ويندو. وڏي وزير چيو ته هن شهر سميت سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو تيز برساتن سبب ٿيل جاني ۽ مالي، گهرن ۽ فصلن کي ٿيل نقصان جو جائزو وٺن ته جيئن ماڻهن جي مدد لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن. ڪراچي ۽ حيدرآباد انتظامي طور وڏي وقت تائين ايم ڪيو ايم وٽ رهيا آهن پر هن وقت تائين جيڪا حالت ٻنهي شهرن جي ڪئي وئي آهي، ان ۾ ايم ڪيو ايم جو وڏو هٿ آهي. ٻئي شهر برساتن سبب متاثر ٿيندا آهن ۽ انهن ڊرينيج نظام به ڪم ڇڏي ويندو آهي. ان جو هڪ اهم ترين سبب حددخليون آهن. ڪراچيءَ ۾ حددخليون ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ آهن. تنهنڪري اتي مسئلا به وڌيڪ ٿين ٿا. ايم ڪيو ايم جي ناظمي واري دور ۾ چائنا ڪٽنگ وسيلي جيڪي ڪجهه ڪراچيءَ ۾ ڪيو ويو اهو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. پر ايم ڪيو ايم سود سنڌ حڪومت جي به ذميواري آهي ته اها سنڌ جي ٻن وڏن شهرن سود ٻين شهرن جو انفرااسٽرڪچر به بهتر ڪري ته جيئن عوام لاءِ پريشانيون گهٽجي سگهن.

اسين سمجهون ٿا ته شهرن جي حالت رڳو شڪايتون ڪرڻ سان بهتر ڪونه ٿينديون پر ذميواريون نڀائڻ سان بهتر ٿينديون. قبضا ختم ڪرائڻ سان بهتر ٿينديون. جڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد مان قبضا ڇڏائي شهر اصل حالت ۾ بحال ڪيا ويندا، تڏهن شهرن کي برساتن دوران ٻڏڻ کان بچائي سگهبو ۽ ماڻهن جي رهڻ لائق بڻائي سگهبو

ڪربلا دليرن جو رزم آهي

اعجاز ممنائي

رسول خدا جو فرمان آهي ته شهادت حسين عليه السلام ۾ اهڙي تڙپ ۽ حرارت موجود هوندي جيڪا هميشه مومنن جي دلين کي گرم ڪندي رهندي ۽ ڪڏهن به اها تڙپ ۽ حرارت ٿڌي نه ٿيندي، اهوئي سبب آهي جو صديون گذرڻ جي باوجود ڪربلا جي شهيدن جو عشق، جوش، تڙپ ۽ حرارت مسلسل تيزيءَ سان وڌي رهي آهي جنهن فرش عزا جو آغاز بيبي زينب سلام الله عليها شام جي زندان ۾ ڪيو هو اهو اڄ پوري دنيا ۾ ڦهلجي چڪو آهي اگرچه ڪجهه نادان ۽ احمق انسان پنهنجي خام خيالي جي بنياد تي اها ڪوشش ڪندا رهيا آهن ته حرارت، تڙپ ۽ شعلهءِ عشق کي گهٽ ڪن، مومنين جي دلين کي ٿڌو ڪن ۽ امام حسين عليه السلام کان پاسيرو ٿي زندگي بسر ڪن پر ان جو روز افزون هجڻ قانون الهي آهي جنهن کي ڪوبه روڪي نه ٿو سگهي اڄ به وقت جا شيطان مظلوم ڪربلا جي پروگرامن ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪرڻ جون سازشون سٽيندي نظر اچن ٿا جڏهن ته ڪين اها به پڪ آهي ته ان جو اڳواڻ خود خداوند ڪريم آهي هاڻي خدا جي مقابلي ۾ اچڻ ۽ ان جي امر سان اٽڪڻ ابليس جو ڪم آهي جڏهن انبياءَ ڪرام ۽ امام سڳورا ته اسانکي الله سائينءَ تائين پهچائڻ جو ڏگ ٻڌائڻ آيا يعني انهن جي معرفت ذريعي مالڪ حقيقيءَ جو جلوو پسائڻ آهي معرفت يا وسيلو ٻڌائڻ. الله جي سنت آهي الله وسيلو فراهم ڪندو آهي ۽ بغير ڪنهن سبب يا وسيلي جي ڪجهه ڪرڻ الله جي سنت نه آهي. ڪڏهن به الله ڪنهن ڪم کي بغير ڪنهن وسيلي جي انجام ناهي ڏنو الله جي ذات هر ڪم کي ڪنهن سبب جي ذريعي سان انجام ڏيندي آهي. هو اگر انسان کي حرارت ڏيندو آهي ته سج کي وسيلو بڻائيندو آهي. جيڪڏهن توهان جي پياس ختم ڪرڻي هوندي اٿس ته پاڻي کي وسيلو بڻائيندو آهي. بک کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪاڌي جو وسيلو بڻايو اٿس، انسان کي آرام ڏيڻ لاءِ ننڊ کي وسيلو بڻايو اٿس، انسان کي رزق ڏيڻ لاءِ ڏينهن کي وسيلو بڻايو اٿس، مطلب ته هر شيءِ جو هڪ وسيلو بڻائي ڪري انسان کي پنهنجي مقرر ڪيل وسيلي جي ذريعي سان پنهنجن نعمتن تائين پهچائيندو آهي هو پنهنجي محبن کي السٽي طريقي سان آزمائي اسانکي انهن جي معرفت جو رستو ٻڌائيندو آهي جيئن لطيف سرڪار فرمايو

دوست ڪهائي ڏاڍلا محب مارائي
خاص خليلن کي سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
انهيءَ منجهه آهي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي

خدا جي طرفان مقرر ڪيل وسيلا جيڪي اسان جي دلين کي غم حسين ع ۽ ياد حسين ع کي زنده ڪندا آهن اهي حقيقت ۾ اسان جي مٿان هڪ وڏو احسان آهي. الله انهن وسيلن جي ذريعي سان غم کي زنده رکندو آهي پر ڪهڙو غم؟ اهو غم جيڪو انسان جي دل ۾ تڙپ ۽ بيقراري پيدا ڪري، اهو غم جيڪو انسان جي دل ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪري. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو فرمان آهي

مومنن جي دلين ۾ شهادت حسين، غم حسين، ذڪر حسين، ۽ خون حسين هڪ حرارت ۽ بيقراري پيدا ڪندي آهي اها تڙپ ۽ بيقراري الله تعاليٰ جي طرفان هڪ وڏي نعمت آهي جنهن لاءِ خدا ڪنهن دل کي منتخب ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ وجهندو آهي. اگرچه اسان اڄ ڏسندا آهيون ته ماڻهو دنيا جي ڪيترن ئي غمن ۾ مبتلا هوندا آهن. ڪنهنجي دل ۾ دنيا جو غم هوندو آهي، ڪنهنجي دل ۾ مال جو غم هوندو آهي ڪنهن جي دل ۾ ڪنهن ٻي انسان جو غم هوندو آهي مطلب ته هر انسان جي دل ۾ ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جو غم ضرور هوندو آهي، جهڙي طرح انسان پنهنجي پاڻ سان سڃاتو ويندو آهي اهڙي طرح غم سان به سڃاتو ويندو آهي. هاڻي غم حسين ع جو مفهوم سمجهڻ بيحد ضروري آهي جنهن هر انسان جي دل ۾ پنهنجي جاءِ ناهي ورتي آهي غم حسين ع مان مراد اها نه آهي ته ان جي قتل تي غم ۽ افسوس ڪري روئڻهارڪو ٿي ويهي رهجي، پر هيءَ احساساتي غم آهي، غم حسين مان مراد اها آهي ته "همت" جيڪا حسين ع جي هئي، حسين ع جو پيروڪار ٿي وڃي، ۽ جيڪو غم حسين جو هيو اهو حسين ع جي پيروڪارن ۾ اچي وڃي، اسان وٽ غم امام حسين ع جا جيڪي ذريعا آهن انهن تي پابنديون مڙهيون پيون وڃن مثال امام حسين ع جي يزيد ۽ ان جي ساٿارين جا ڳالهه نه ٻڌي ۽ ساٿس جنگ جوڙي اڄ ذڪر حسين ع تي پابندي لڳائي پئي وڃي ڪالهه واري پليدن، سادات جو پاڻي بند ڪيو اڄ سادات جي نالي لڳندڙ سبيلن تي رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون وڃن سبيل جي لغوي معنيٰ آهي: "اهڙو رستو جنهن تي هلڻ سولو هجي." هي لفظ سُبُل جو جمع آهي. قرآن مجيد ۾ به سَبِيل جو لفظ ڪافي هنڌن تي ڪتب آيو آهي. "اهو جيڪو ان جي واٽ ۾ سفر ڪرڻ جي طاقت رکندو هجي" (آل عمران: 97). "جيڪڏهن هنن مون (رسول الله) سان گڏ (حق جو) رستو اختيار ڪيو هجي ها" (الفرقان: 27). هن آيت ۾ مجازي طرح سڌي رستي جي معنيٰ ۾ لفظ 'سبيل' استعمال ٿيو آهي. اهڙيءَ ريت هي لفظ مجازيءَ طرح مقصد حاصل ڪرڻ جو ذريعو ۽ ڪنهن مصيبت يا مشڪل مان نڪرڻ جي رستي جي معنيٰ ۾ به ڪتب اچي ٿو جيئن: "يا خدا! انهن جي نڪرڻ لاءِ ڪو رستو پيدا ڪر." (النساء: 15).

ايشيا کنڊ جي ملڪن ۾ رستن تي پيئڻ جي پاڻيءَ جو انتظام ڪيو ويندو آهي، جنهن کي 'سبيل' سڏبو آهي. ان لفظ جو اهو استعمال گهڻي قدر 'في سَبِيل الله' جي جملي مان پيو آهي، چوته هي جملو هر ان ڪم لاءِ ڪم ايندو آهي، جيڪو الله تعاليٰ جي نالي تي ڪيو وڃي ٿو سبيل امام حسين عليه السلام به ان جي مظلوميت جي نشاني آهي سبيل لفظ جي معنائن مان هڪ معنيٰ اها به آهي ته 'شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ راهگيرن يا اُڃارن کي ٿڌو پاڻي پيارڻ' (جامع فيروز اللغات). ڪربلا جي ميدان ۾ 10 محرم الحرام 61 هه/ 10 آڪٽوبر 680 ع تي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين کي ٽن ڏينهن کان اڃيو ۽ بکيو رکي شهيد ڪيو ويو.ان سلسلي ۾ سڄو سال خاص طور تي محرم ۽ صفر جي مهينن ۾ سبيلون لڳايون وينديون آهن ۽ چيو ويندو آهي ته مولا اسان سبيل پيارڻ وارن مان آهيون جن توهانجو پاڻي بند ڪيو انهن کان بيزار آهيون جڏهن ته انهن جي ياد ۾ مختلف طعام تيار ڪري دنيا کي ڏيکاريندا آهن ته اسان اهلبيت ع ۽ سندن آل جو ڪاڌو بند ڪرڻ وارن مان ناهيون اهي سڀ عمل حقيقت ۾ شعائرالله آهن جن کي بندش لڳائي يزيد ۽ ان جي آل جي پيروي ڪئي پئي وڃي جڏهن ته الله سائين واضح چئي ڇڏيو آهي ته دين ۾ ڪابه زبردستي ڪانهي هر ڪنهنکي مذهبي آزادي آهي پر پوءِ به هر ڪو هٺي کي پنهنجي صف ۾ بيهارڻ جي ڪوشش پيو ڪري مظلوم جو ساٿاري ته هر ڪنهنکي ٿيڻ گهرجي پر هتي ظالم جو ساٿاري ٿيڻ لاءِ هر ڪو وڪ وڌائي پيو اهو به ڪربلا جي تاريخ جو هڪ عمل آهي جو امام حسين ع جيڪو حق جو ساٿاري هو تنهن سان ٿورا ماڻهو هئا پر يزيد باطل پنيان گهڻا ماڻهو هئا هونءَ به ڪربلا بزدلن لاءِ نه هئي، عاشوره بزدلن لاءِ نه هئي، عاشوره جو ڪهڙو ربط آهي بزدل سان ! ڪربلا رسم نه آهي ، ڪربلا بزم به نه آهي، هي گمان ذهن کان ڪڍي ڇڏيو ته اسان بزم عزا منعقد ڪري ڪربلائي ٿي ويندا آهيون، ۽ اسان رسم ڪربلا انجام ڏيئي ڪربلائي ٿي ويندا سين. ڪربلا دليرن جي رزم آهي، ڪربلا شجاعن جي رزم آهي. اگر ڪربلا جي ڪو ٻار به هيو تڏهن به مردانگي وار سان وڙهيون، اگر پوڙهو هيو تڏهن به مردانگي وار سان وڙهيو. اگر عورتون هيون تڏهن به مردانگي وار سان وڙهيون.

سبيل امام حسين عليه السلام به ان جي مظلوميت جي نشاني آهي سبيل لفظ جي معنائن مان هڪ معنيٰ اها به آهي ته 'شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ راهگيرن يا اُڃارن کي ٿڌو پاڻي پيارڻ' (جامع فيروز اللغات). ڪربلا جي ميدان ۾ 10 محرم الحرام 61 هه/ 10 آڪٽوبر 680ع تي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين کي ٽن ڏينهن کان اڃيو ۽ بکيو رکي شهيد ڪيو ويو.ان سلسلي ۾ سڄو سال خاص طور تي محرم ۽ صفر جي مهينن ۾ سبيلون لڳايون وينديون آهن ۽ چيو ويندو آهي ته مولا اسان سبيل پيارڻ وارن مان آهيون جن توهانجو پاڻي بند ڪيو انهن کان بيزار آهيون جڏهن ته انهن جي ياد ۾ مختلف طعام تيار ڪري دنيا کي ڏيکاريندا آهن ته اسان اهلبيت ع ۽ سندن آل جو ڪاڌو بند ڪرڻ وارن مان ناهيون اهي سڀ عمل حقيقت ۾ شعائرالله آهن جن کي بندش لڳائي يزيد ۽ ان جي آل جي پيروي ڪئي پئي وڃي جڏهن ته الله سائين واضح چئي ڇڏيو آهي ته دين ۾ ڪابه زبردستي ڪانهي هر ڪنهنکي مذهبي آزادي آهي پر پوءِ به هر ڪو هٺي کي پنهنجي صف ۾ بيهارڻ جي ڪوشش پيو ڪري مظلوم جو ساٿاري ته هر ڪنهنکي ٿيڻ گهرجي پر هتي ظالم جو ساٿاري ٿيڻ لاءِ هر ڪو وڪ وڌائي پيو اهو به ڪربلا جي تاريخ جو هڪ عمل آهي جو امام حسين ع جيڪو حق جو ساٿاري هو تنهن سان ٿورا ماڻهو هئا پر يزيد باطل پنيان گهڻا ماڻهو هئا هونءَ به ڪربلا بزدلن لاءِ نه هئي، عاشوره بزدلن لاءِ نه هئي، عاشوره جو ڪهڙو ربط آهي بزدل سان ! ڪربلا رسم نه آهي، ڪربلا بزم به نه آهي، هي گمان ذهن کان ڪڍي ڇڏيو ته اسان بزم عزا منعقد ڪري ڪربلائي ٿي ويندا آهيون، ۽ اسان رسم ڪربلا انجام ڏيئي ڪربلائي ٿي ويندا سين.

چاجي ڪري فقط باهتر بچيا؟ باهتر لک مان باهتر پهتا، باقي ڪٿي رهجي ويا؟ ڪربلا ۾ فقط بهادر ۽ شجاع آيا، بس توهان بهادرانه ۽ مردانه همت پيدا ڪيو توهان ڪٿي ڪنهن وڏي کان وڏي پهلوان کي وٺي اچو ان جا هٿ ان جي ڳردن جي پويان ٻڌو، ان جي پٺيءَ تي تازيانه هڻو ان کي بي پلاڻ اٺ تي ويهاريو ان جي پيٽ ۾ ان جي گهروارين جون چادرون لاهيو انهن کي بازارن ۾ ڦيرايو انهن جي ٻارن تي ظلم ۽ ستم ڪيو پوءِ ان کي چئو ته تون پنهنجي پيٽ جي پرواهه به نه ڪر، تون پنهنجي شهيد ڀاءِ جي پرواهه نه ڪر، جيڪو تنهنجي پٺي تي تازيانو هڻي ان جي پرواهه به نه ڪر، پنهنجي ناموس جي پرواهه به نه ڪر، ان بازار ۾ بيهي ڪري 10 منٽن جو خطبو ڏي، ڪير آهي دنيا جو شجاع انسان جيڪو اهڙي عالم ۾ جڏهن ان جو سر نوڪ نيزا تي هجي، ان جي ڀڻن جا سر نوڪ نيزا تي هجن، ان جو خاندان اسير هجي ان جي پٺيءَ تي بار بار تازيانه لڳندا رهن ۽ بهترين جنازي کي ڇڏي بازار ڪوفه ۾ بيهي دليرانو خطبو ڏي؟ علي عليه السلام کان علاوه ڪنهن ٻئي جو ڪم ٿي نٿو سگهي.

ايڏي مظلوميت هوندي سندن غم ڪرڻ کي بدعت چوڻ وارا ڪيڏا نه سنگدل انسان ڇٽبا مولا حسين ع جو عزادار اهو آهي جنهن جو همر (همت) ۽ غم حسين جو همر ۽ غم هو ان وانگر هجي، حسين عليه السلام کي هي غم نه هيو ته منهنجي پٽ مارجي ويو آهي ، يا منهنجو خاندان پياسو شهيد ڪيو ويو آهي، يا منهنجي خاندان کي بي گناه اسير ڪيو ويو آهي. حسين عليه السلام کي غم هي هيو ته مان صاحب عزت حسين، مان امام امت حسين، مان رهبر الهي حسين ۽ مان ان زماني ۾ رهان جنهن زماني ۾ يزيد جو سايو هجي، يزيد جي سايي ۾ رهڻ حسين عليه السلام جو سڀ کان وڏو غم هيو "يزيد جي سايه ۾ رهڻ غم حسين آهي"

اهلبيت عليهم السلام جا غم ۽ اسان جا غم خدا غم حسين ان دل ۾ وجهندو آهي جنهن ۾ همت حسين وجهندو آهي، اها توفيق الاهي آهي، امام محمد باقر عليه السلام جو فرمان آهي: جڏهن عيد الفطر ۽ عيدالاضحيٰ جو ڏينهن ايندو آهي ته اسان آل محمد ع جو غم تازو ٿي ويندو آهي، امام باقر عليه السلام ڪربلا جا عيني گواهه هئا، روايات ۾ آهي ته ان وقت امام عليه السلام جي عمر ٽي سال هئي يا پنج سال، ان ننڍ پڻ ۾ امام ڪربلا ۾ موجود هئا، ۽ امام هي فرمائي رهيا آهن ته اسان آل محمد لاءِ عيد جو ڏينهن غم کي تازو ڪندو آهي. راوي عرض ڪئي، ڇا ڪربلا جا شهيد ياد اچي ويندا آهن؟ امام فرمايو اسان ته انهن کي ڪڏهن به ناهي وساريو

اسانکي اهو غم نه آهي ته مونکي منهنجا عزيز يا ڏاڏي جي ياد ايندي آهي، اها هميشه اسان جي دلين ۾ آهن. عيد جي ڏينهن اسان جو غم تازو ٿي ويندو آهي جڏهن اسان اهو ڏسندا آهيون ته روز عيد، روز امام المسلمين، روز رهبر مسلمين، ان ڏينهن جو جيڪا مسند خدا اسان جي لاءِ ناهي آهي ان تي طاغوت کي ويٺل ڏسندا آهيون، اسان جو غم تازو ٿي ويندو آهي.

عاشق اِئن نہ هُونِ، جئن تون سَچي اَڳرين:
وِڃي در دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙي رُونِ:
ٻِيَ پَرِ ڪَنهين نہ پوَن، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

شاهه عبداللطيف

ڪاڇي ۾ گيسٽرو جا هاڃا ۽ صحت کاتي جا سڪا بيان !!!

محمد اسماعيل لانگاهه

ڪاڇي ۾ برساتن بعد جيتريون خوشحاليون اچن ٿيون ۽ ايترا ڏکن جا پهاڙ به ماروئڙن مٿان پون ٿا هن وقت ڪاڇو برسات بعد وري بيمارين کي منهن ڏئي رهيو آهي جنهن بيماري ڪيترن ئي معصوم ٻارن جو زندگيون ڳڙڪائڻ شروع ڪري ڏنيون آهي ۽ صحت جو ڪاڇي ۾ هونئن ڪو عمل دخل ڪونهي جو جو ڪير چوڻ ۽ ڪُڇڻ وارو ڪونهي هتي صرف سرڪار ۽ ڪامورن جي مرضي هلندي رهي ۽ عوام کي ننڌڪو ڪيو ويندو رهيو آهي، تازي برسات ۽ ٻوڏ ۾ سنڌ سرڪار ۽ صحت کاتي جي من مستي ۽ عوام جي مجبوري ظاهري طرح سامهون اچي وئي آهي ته هتي عوام سان خاص طور صحت جي حوالي سان ڪيترو ظلم ٿيندو رهيو آهي

برسات ان ڪانپوءِ ٻوڏ جي تباهڪارين بعد ڪاڇي واسين مٿان وري گيسٽرو بيماري جي مصيبت ڪر کنيو آهي، صحت کاتو هونئن ئي ڪاڇي ۾ غيرفعال بڻيل آهي جنهن جي ڪابه ڪاڇي ۾ اطمينان بخش ڪارڪردگي ورهين کان وٺي ناهي رهي ته مٿان وري ڪاڇي ۾ برساتن صحت کاتي جا سمورا پول پڌرا ڪري ڇڏيا آهن ته جنهن کاتي کي بجيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ پئسو ملندو رهي ٿو انجي ڪارڪردگي پهرين جا هوندي جنهن برسات ۾ متاثر ٿيل علائقن جي رهواسين ۽ گيسٽرو بيماري جي روڪٿام لاءِ ڪهڙا تڪڙا اُپاءَ وٺي سگهي ٿو برسات متاثر علائقن جي وزٽ تي آيل وزيراعلي سنڌ ته پنهنجي دوري کي فوٽو سيشن ڪري موٽي ويو پر سندن دادو ضلعي انتظاميه ۽ ڊي ايڇ او دادو کي صحت جي حوالي سان ڪيل هدايتن بعد ڪاڇي واسين لاءِ لڳايل طبعي ڪئمپ مان انهن کيي ڪيترو فائدو پهچايو ويو ڪُجهه ڪلاڪن لاءِ جوهي ايف پي بند وٽ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي عالمي ادارن کي ٻڌايو ويو ته دادو ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتي ڪاڇي واسين کي درپيش تڪليفن جو ازخود ڪيترو ازالو ڪيو پر نااهلي جي به ڪا حد هوندي آهي ۽ ڪئمپ ان مهل لڳائي وئي جڏهن سڄو ڪاڇو گاج ندي جي ٻوڏ ۾ ٻڏي رهيو هو جتان ماڻهن جو نڪرڻ ئي محال هو جا انهن ماڻهن جو ميڊيڪل ڪئمپ تي اچڻ ممڪن هو؟

صحت کاتي ۽ ڊي سي دادو ۽ ڊي ايڇ او دادو ڊرامائي انداز ۾ پنهنجي بجيت وڌائڻ لاءِ جيڪا ڪئمپ لڳائي ڪاڇي جي هڪ به مريض کي وئڪسين نه ڪئي وئي ۽ سموريون دوائون ۽ عملو جتان آيو هو باعزت انهن ساڳين هنڌن تي واپس موٽي ويو هميشه ٿيندو به ايئن آهي ته برساتن پوڻ جي هفتي به ڪانپوءِ جڏهن زمين پنهنجي گرمائش ڪڍندي آهي پوءِ گهرن توڙي گهٽين ۾ نيڪال جو ناقص نظام هئڻ سبب بيٺل گندي پاڻي ۾ وڏي پئماني تي مکيون ۽ مڇر پيدا ٿين ٿا جيڪي انسانن لاءِ بيمارين جو باعث بڻجن ٿا ۽ هن وقت ٿي به ايئن ئي رهيو آهي ۽ صحت کاتي وٽ انهن انسان لاءِ هاجيڪار جيتن کي مارڻ لاءِ اسپري موجود هوندا آهن جيڪي هرگز نٿا ڪرايا وڃن ۽ خاص طرح گيسٽرو بيماري جو اثر معصوم ٻارن ۾ آهي جيڪي پنهنجي صحت کان باخبر هجن ٿا مک ۽ مڇر انهن تي پنهنجو اثر ڇڏين ٿا تازين رپورٽن مطابق گيسٽرو ويا ڏهه کان وڌيڪ ٻارن جو حياتيون ڳڙڪائي وئي آهي ٻوڏ کان پوءِ عارضي طور ڪاڇي جي بحال ٿيل رستن بعد ماڻهن دادو ضلعي جي خانگي اسپتالن جو رُخ ڪيو آهي جتي ٽريٽمينٽ لاءِ ڊاڪٽر حضرات ڀاران ڳرين فين جي وصولي باوجود صحيح نموني بيماري تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا آهن جڏهن ته سرڪاري اسپتالون صرف عملدارن جي حاضري ريڪارڊ چيڪ ڪرڻ لاءِ ڇڻ کوليون ويون هجن، سنڌ جي پسمانده علائقي ڪاڇي سان هميشه ڪلور ڪيا ويندا رهيا آهن هن وسيع علائقي جي شهرن ۾ جيڪي آرايڇ سيز قائم ٿيل آهن انهن ۾ مقرر ٿيل عملدارن جي ڪابه خبر نه آهي ته اهي ڪٿي ڊيوٽي ڪري رهيا آهن جڏهن صحت گهر ريڪارڊ ۾ ڪليل به هجن ڇا انهن کي ماهوار دوائون نه ملنديون هونديون سوچڻ جي ڳالهه آهي صحت ڪاڇي واسين جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي خاص طور برساتن دوران ٽي چار حياتيون موت جي منهن ان ئي سبب ۾ چڙهيون ته انهن کي علاج لاءِ وارثن شهرن تائين پهچائڻ جون ڪوششون ڪيون پر وقت سر نه پهچي سگهڻ ڪري هووچ رستي تي ئي موت جي منهن هليا ويا اهڙا ڪوڙ سارا واقعا رونما ٿيندا رهيا آهن پر مجال آ جو صحت کاتي ٻڙڪ ٻاهر ڪئي هجي

هن وقت گيسٽرو سبب ڪاڇي ۾ سنگين صورتحال پيدا ٿي وئي آهي هر نئون ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن معصوم جي حياتي ڳڙڪائي رهي آهي اهڙي افسوسناڪ حالتن ۾ سنڌ حڪومت، صحت کاتي ، ڊي ايڇ او دادو سميت تمام ذميوار اختيارين کي به جوڳا بندوبست نه ڪيا آهن بس خالي سڪڻ بيانن ۽ ميڊيا تي پاڻ کي شو ڪيو پيو وڃي ضرورت هن وقت عملي قدم کڻڻ ۽ بيماري کي ضابطي ۾ آڻڻ جي آهي جيڪڏهن غفلت جو مظاهرو ڪيو ويو ته گيسٽرو بي قابو ٿي سگهي ٿي وزير اعلي سنڌ ڊي جي هليٿ سنڌ سميت وفاقي حڪومت کي گهرجي ته ڪاڇي ۾ قائم آرايڇ سيز کي فوري طور فعال بڻائي عملو مقرر ڪري ۽ سندن دوائون ميسر ڪري علائقي جي مريضن جو علاج پنهنجي ئي علائقي جي اسپتالن ۾ ڪيو وڃي ته بهتر ٿيندو هن وقت برساتن جي هلندڙ سلسلي دوران رستا بند ٿيڻ معمول آهي براءِ ڪرم ڪاڇي جي اسپتالن کي اهي سموريون سهولتون ڏنيون وڃن جتي انهن جي هن وقت اشد ضرورت آهي

بقايا 01 ***

۾ آيو آهي. مريم اورنگزيب چيو ته 8 سال اهو عرصو آهي جنهن ۾ ڪنهن به پارٽي خلاف فيصلو ناهي آيو فيصلي ۾ تحريڪ انصاف کي پرڏيهي امداد ڏيندڙ پارٽي قرار ڏنو ويو آهي، عمران خان جمع ڪرايا، فيصلي ۾ چيو ويو ته عمران خان ڇا ڪيو اهو جاڻي واڻي، هاڻي اهي ٽيڪنيڪل سبب جو حوالو ڏئي رهيا آهن سڌ سماءِ واري وزير چيو ته عمران خان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، هي ڪو ٽيڪنيڪل معاملو ناهي، پي پي او 2002 تحت ڪا به پارٽي پرڏيهي ڪمپني يا فرد کان پئسا نه وٺي سگهي ٿي، توهان پنهنجو اڪائونٽ ظاهر نه ڪيو آهي چو ته هي پئسا چوري ٿي ويا هئا، اهي پڇندا رهيا. سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي اڪائونٽن ۾ پئسا اچڻ لاءِ عمران خان لڪائيندو رهيو هاڻي چئي رهيا آهن ته اهو ٽيڪنيڪل معاملو آهي. مريم اورنگزيب چيو ته هٿي کي چور چئو ۽ جڏهن توهان وٽ اچي ته چئو هي ٽيڪنيڪل معاملو آهي، هي معاملو ايترو سادو ناهي، توهان به جهنڊا لڳائي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو اهو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو آهي، عمران خان غير ملڪي ايجنٽ آهي، تحريڪ انصاف غير ملڪي امداد ڏيندڙ پارٽي ثابت ٿي چڪي آهي، عمران خان کي ٻڌڻ وارن کي اهو سوال ضرور پڇڻو پوندو، هي 2008 کان 2013 جو معاملو آهي، جنهن 2014 ۾ ڌرڻو هنيو ، ملڪ ۾ هڙتال ۽ پئسو طلب ڪيو هن چيو ته نواز شريف کي ڪرسي تان هٽائي وڏي غلطي ٿي، ٻيا ملڪ ڏسي رهيا هئا ته دهشتگردي ختم ٿي رهي آهي، ٻيا ملڪ ڏسي رهيا آهن ته پاڪستان ۾ سيڙپڪاري اچي رهي آهي. مريم اورنگزيب چيو ته 2018 کان 2022 تائين ڇا ٿيو عمران خان صاحب توهان کي جواب ڏيڻو پوندو، عمران خان ڪشمير جو ڊيل ڪيو ملڪ ۾ نفرتون پکيڙيون، سي پيڪ جو بند ڪيو ويو نوجوانن کان نوڪريون کسيون ويون، توهان پرڏيهي فنڊرز استعمال ڪيا. انهن کي اهو انعام ڏيڻو هو جو هنن ساڻن واعدو ڪيو هو عمران خان جي منهن مان صادق ۽ امين جو عڪس نڪري ويو آهي، اهي 2018 کان 2022 تائين ملڪ کي معاشي طور ڪمزور ڪندا رهيا. هن چيو ته خراب موسم سبب وزيراعظم کي ڪالهه لسبيلا وڃڻو هو، وزيراعظم چيو ته متاثرن کي فوري رقم ڏني وڃي، متاثر علائقن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي، وزيراعظم گڏيل سروي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 02 ***

ٿا، خبر ناهي ته ملڪ ڪيئن هلائي رهيا آهيون ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس ۾ پريس ڪانفرنس دوران مفتاح اسماعيل چيو ته ننڍن دوڪاندارن کان هاڻي فڪس ٽيڪس بدران ويريئبل ٽيڪس اوڳاڙينداسين هن چيو ته ٽن مهينن کانپوءِ بجلي سستي ٿي ويندي، اي سي ڪوجزجي في سيٽ تي لڳايل 4 هزار روپين واري ٽيڪس گهٽائي 15 سئو رپيا ڪئي اٿئون ناٽي واري وفاقي وزير مفتاح اسماعيل اعلان ڪيو ته وڏن واپارين ۽ ايڪسپورٽرز کي سستي بجلي ۽ گئس ڏني ويندي

بقايا 03 ***

لغاري، تيمور ملڪ، راجا بشارت، عنصر مجيد نيازي، راجا ياسر همايون شامل آهن ان کانسواءِ منيب سلطان چيما، شهاب الدين، مراد راس، ڊاڪٽر ياسمين راشد، خرم شهزاد ورڪ، محمد هاشم ۽ علي افضل ساهي به حلف کنيو حلف ڪنندڙن ۾ نوابزادا منصور علي خان، حسين جهانيان گرديزي، غضنفر عباس چينا، لطيف نذر، حسنين بهادر دريشڪ ۽ ميان محمود الرشيد به شامل آهن پنجاب ڪابينا ۾ شامل سينيئر ميمبرن جو واسطو تحريڪ انصاف سان آهي ۽ انهن ۾ ڪو به ق ليگ ميمبر شامل ناهي.

بقايا 04 ***

تي اسٽي جاري ڪري ڇڏيو عدالت درخواستگذار عبدالاحد ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ اوپر کي نوٽيس جاري ڪندي 11 آگسٽ تائين جواب طلب ڪري ورتو ميڊيا سان ڳالهائيندي عامر لياقت جي اڳوڻي گهرواري بشرا اقبال چيو ته دانيه شاهه جي طلاق ٿي وئي آهي.

بقايا 05 ***

گورنمينٽ وٽ اختيار ئي ناهن هوندا. هن چيو ته ڪراچي ۾ برسات جي تباهين تي ڪير پڇڻ وارو ناهي، شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جو به مسئلو آهي، هي ملڪ آئوٽي هلي رهيو آهي، ڪراچي جي ڪنهن کي ڳڻتي آهي؟ سندس چوڻ هو ته ايم ڪيو ايم اڳ به حڪومت ۾ هئي، اڄ به آهي، الله پاڪ آخري پيرو اسان کان شهر جو ڪم ورتو هو اسان بيهر هن شهر کي سنو بڻائي سگهون ٿا. مصطفيٰ ڪمال چيو ته اسان جي هٿ جو ٺهيل ڪراچي ٿي هلي رهيو آهي، ڪراچي وارا پنهنجو چوڪيدار مٽائين، چو ته جنهن گهر جو چوڪيدار چورن سان ملي وڃي، ان گهر کي ڪير نٿو بچائي سگهي.

بقايا 06 ***

رهيو آهي، تيئن تيئن سندس فريب عوام ۾ نمايان ٿي رهيو آهي، هاڻي عمران کي بچائڻ وارن سندس مٿي تان هٿ مٽي ڪري ڇڏيا آهن. جاويد لطيف چيو ته اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان عمران خان به نااهل ٿي ويندو ۽ سندس پارٽي تي به پابندي هوندي. مسلم ليگ ن جي اڳواڻ چيو ته اهو وقت پري ناهي جڏهن پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ وٺڻ وارو به ڪو نه هوندو.

بقايا 07 ***

۽ 75 زخمي ٿي پيا آهن. پرڏيهي خابرو اداري موجب اسرائيلي وزيراعظم يائرليپڊ چيو ته حملي ۾ اسلامڪ جهاد جي ڪمانڊر تيسيري الجبري کي نشانو بڻايو ويو ٻئي پاسي اسلامڪ جهاد طرفان اسرائيلي حملي تي سخت ردعمل جو اظهار ڪيو ويو آهي. اسلامڪ جهاد اسرائيلي هوائي حملي کي ويڙهه جو اعلان قرار ڏنو آهي ۽ جوابي ڪارروائي ۾ اسرائيل تي هڪ سئو کان وڌيڪ راڪيٽ فائر ڪيا ويا آهن. حماس پڻ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته اسرائيل فلسطين تي هوائي حملو ڪري نئون ڏوهه ڪيو آهي، جنهن جي ان کي ادا ڪرڻي پوندي.

بقايا 08 ***

پيپلز پارٽي جي علي موسيٰ گيلاني جو مقابلو عمران خان يا شاهه محمود قريشي جي ڌيءَ مهر بانو سان ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ ن جي اميدوار کي چونڊ وڙهڻ تي اهم عهدو ڏئي ڇڏيو ن ليگ اميدوار عبدالغفار ڊوگر کي وفاقي ڪابينا ۾ وزيراعظم جو خاص مددگار مقرر ڪيو ويو عبدالغفار ڊوگر کي پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي حمايت جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.

بقايا 09 ***

پنجاب ۾ ڪم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 10 ***

سرگرمين جي جائزي بابت اجلاس بعد جاري ٿيل پڌرائي ۾ وزيراعظم چيو آهي ته تاريخي برساتن قيامت برپا ڪري ڇڏي آهي. ان موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف عوام ۽ خاص طور سرندي وارن کي اپيل آهي ته ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪن. وزير اعظم چيو ته بلوچستان ۾ ٻوڏ سبب غير معمولي تباهي آئي، سنڌ، ڪي پي ۽ پنجاب ۾ به تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي. وزيراعظم چيو ته ملڪ جي غير مستحڪم معاشي حالتن باوجود ٻوڏ متاثرن لاءِ 5 ارب رپيا فوري جاري ڪيا آهن.

بقايا 11 ***

درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان چونڊ شيڊول ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ ايم اين ايز جون استعيفائون مرحليوار منظور ٿيڻ خلاف درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي. عدالت چار آگسٽ تي درخواست تي ٻڌڻي ڪري نوٽيس جاري ڪري چڪي آهي، اليڪشن ڪميشن ڄاڻ هئڻ باوجود نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف عدالت کان استدعا ڪئي آهي ته ننڍي چونڊ بابت شيڊول ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، پي ٽي آءِ جي مرڪزي ڪيس جي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊول معطل ڪيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي جنهن تي وقتي چيف جسٽس عمرفاروق اربع جي ڏينهن ٻڌڻي ڪندو

بقايا 12 ***

ايم اين ايز جون استعيفائون مرحليوار منظور ٿيڻ خلاف حڪمت عملي تي صلاح مشورا ڪيا ويا اجلاس ۾ ڳالهائيندي عمران خان چيو آهي ته موجوده حڪومت هر ميدان ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، عوام کي وڌيڪ موجوده نظام جو شڪار ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته، حڪومت جلد چونڊن جي تاريخ ڏئي، پي ٽي آءِ 14 آگسٽ تي زبردست پاور شو ڪندي

بقايا 13 ***

اختيارين رڳو جون مهيني ۾ مليريا ڪيسن بابت انگ اکر جاري ڪيا آهن صحت کاتي موجب ٺٽو، لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعا مليريا سبب سخت متاثر ٿيا آهن ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ هزار 71، لاڙڪاڻي ۾ 1114 ۽ بدين ۾ 1795 ڪيسن جي تصديق ٿي آهي رپورٽ موجب ميرپور خاص ۾ 865، عمرڪوٽ ۾ 1431، قمبر ۾ 709، دادو ۾ 64 ڪيس ظاهر ٿيا آهن ٽنڊو الهيار ۾ 130، حيدرآباد ۾ 65، خيرپور ۾ 255، شهيد بينظير آباد ۾ 77 ڪيس ظاهر ٿيا ٿرپارڪر ۾ 197، سانگهڙ ۾ 61، سکر ۾ 29، شڪارپور ۾ 127، گهوٽڪي ۾ 41 ڪيس سامهون آيا رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته ڪشمور ۾ 126، جامشوري ۾ 24، ڪراچي ۾ 98، ٺٽي ۾ 4510 ڪيس ظاهر ٿيا صوبي ۾ هلندڙ سال جي 6 مهينن ۾ 49 هزار ڪيس سامهون اچڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

بقايا 14 ***

چيو آهي ته اسان کي اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به فيصلي ۽ چونڊن جي عمل تي ڀروسو نه آهي هن چيو ته ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ اسان اسلام آباد ۾ وڏي اجتماع جي تاريخ ڏينداسين، جلسي ۾ اسان چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو الٽيميٽم به ڏينداسين، اسان حڪومت کي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت نٿا ڏئي سگهون فواد چوڌري خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن حڪومت هڪ مهيني اندر اسيمبليز ٽوڙي عام چونڊن جو اعلان نٿي ڪري ته پوءِ اسان جي اڳين قدم لاءِ تيار ٿي وڃي فواد چوڌري چيو ته موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرز جي هوندي شفاف چونڊون نه ٿينديون، پي ٽي آءِ کي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرز تي ڀروسو نه آهي، اليڪشن ڪميشن کي 16 آگسٽ تائين انتظار ڪرڻ گهرجي ها

بقايا 15 ***

آفيسرن کي نوٽيس وٺندي هڪ سينيئر پوليس آفيسر سميت پنجن آفيسرن جي بدلي ڪري ڇڏي آهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب پنجني پوليس آفيسرن کي بيوٽي مقابلن دوران سيڪيورٽي لاءِ مقرر ڪيو ويو جتي انتظاميا پاران مٿن زور رکيو ته هو ريمپ تي واڪ ڪن.

بقايا 16 ***

هيٺ پارٽي جي سياسي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال تي غور ڪيو ويو ذريعن موجب 9 ٽڪن ۾ ننڍي چونڊ بابت قانوني معاملن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته اسيمبلي ميمبرن جي استعيفائن بابت پي ٽي آءِ جي قانوني حڪمت عملي تي بريفنگ ڏني وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ قانوني ٽيم عدالتن ۾ داخل درخواستن تي اڳڀرائي کان به آگاهه ڪيو ذريعن موجب اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته تحريڪ انصاف 14 آگسٽ تي اسلام آباد جي پريڊ گرائونڊ ۾ جلسو ڪندي. ان حوالي سان عمران خان جو چوڻ هو ته موجوده حڪومت هر ميدان ۾ بري طرح ناڪام ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري حڪومت فوري طور عام چونڊن جو اعلان ڪري.

بقايا 17 ***

جو اگهه 10 ڊالرن جي گهٽتائي سان 1777 ڊالرفي اونس ٿي ويو

بقايا 18 ***

مارجي ويا آهن پوليس ترجمان خالد زادران جو چوڻ آهي ته ڌماڪو مصروف علائقي ۾ ٿيو جڏهن ته هڪ سينئر طالبان اڳواڻ جو چوڻ آهي ته ابتدائي جاچ مان معلوم ٿئي ٿو ته ڌماڪو سبزي جي دڪان ۾ نصب ڪيو ويو هو طالبان اڳواڻ وڌيڪ چيو ته مارجي ويل ۽ زخمين جو انگ 50 کان وڌيڪ آهي.

بقايا 19 ***

اختيارين کي فيصلي کان آگاهه ڪري عدالت رجسٽرار کي فيصلي ۽ درخواست جي ڪاپي اسپيڪر تائين پهچائڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي

بقايا 20 ***

آفيسر طرفان اسد قيصر کي يارنهن آگسٽ تي ايف آءِ اي خيبرپختونخوا آفيس ۾ پيش ٿيڻ جو چيو ويو آهي. اسد قيصر ڏانهن موڪليل نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اڪبر ايس بابر ڪيس جي فيصلي موجب توهان جا به بئنڪ اڪائونٽس آهن. توهان به بئنڪ اڪائونٽ کوليا ۽ استعمال ڪيا تنهنڪري ذاتي حيثيت ۾ جاچ ٽيم اڳيان پيش ٿيو ۽ بئنڪ اڪائونٽن بابت سوالن جا جواب ڏيو واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان ممنوع فنڊنگ ڪيس واري فيصلي بعد ايف آءِ اي به پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ آفيس ملازمن کان پڇا ڳاڇا شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 21 ***

هن وقت تائين شهر مان ڪچرو گڏ نه ڪيو آهي، مڪاني چونڊون به نه ڪرايون ويون، اڳوڻو ميئر اقتدار سنڀاليندو رهيو علي زيدي چيو ته ڪراچي ۾ ٻين پارٽين جا ميئر آيا پر اسان فائر برگيڊ ڏني، 2019 ع ۾ مون وزير هئڻ جي ناتي نالن جي صفائي ڪرائي، اسان 35 ارب رپيا خرچ ڪري نالن جي صفائي ڪئي، ڪراچي بيهر ٻڏي ويندو پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته 18 هين ترميم ڪانپوءِ وفاق جيڪو ڪري سگهي ٿو اسان اهو ڪيو

بقايا 22 ***

ته اُن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي هن چيو ته دهشتگردي کي روڪڻ لاءِ صوبي ۾ سي ٽي ڊي پوليس موجود آهي، اينٽي انڪروچمينٽ جي وردي ۽ گاڏيون پوليس جي گاڏين ۽ وردين جهڙيون آهن. اينٽي انڪروچمينٽ وارا ڪٿي آپريشن ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا ته ماڻهو سمجهن ٿا پوليس آئي آهي آءِ جي چيو ته هلندڙ سال پوليس کاتي ۾ 27 هزار نيون ڀرتيون ڪيون وينديون. پوليس کاتي ۾ ڇوڪرين لاءِ ماحول بهتر آهي، ڪين چوندس ته هو وڌ کان وڌ جوائن ڪن غلام نبي ميمڻ اعلان ڪيو ته ٿاڻي ڪلچر کي بهتر بڻائڻ لاءِ بجيٽ ڏني آهي، ٿاڻن اندر ڳجهون ڪئميرائون لڳائڻ جو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا 23 ***

خوشگوار ٿي وئي آهي ڪراچي جي صدر، مليس، عائشه منزل، گارڊن ۽ ٻرپاسي ڦڙڦڙ بعد موسم خوشگوار ٿي وئي آهي پڪو ميرو خان، لاڙڪاڻو، نيو سعيد آباد، دوڙ ۽ ٻرپاسي برسات سبب هيٺانهن وارن علائقن ۾ پاڻي بيهجي ويو آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ٽن ڏينهن تائين وقفي وقفي سان وسڪارو جاري رهندو

بقايا 24 ***

ڪئي وئي پر نه فورو گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ نه وري پيسا ريڪور ڪري ڏنا ويا آهن ،نوجوان جو والد تفصيل موجب چارڏينهن اڳ اجمير ٽائي جي حد سيڪٽر بي 5 ون الحميد اسڪول پرسان صائم بلڊرز جي انجنيئر عبدالله ڏاهري کان فورن ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نوجوان جي مزاحمت تي مٿس سنڌيون گوليون هلائي سخت زخمي ڪرڻ بعد 5 لک روپيه ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري باآساني فرار ٿي ويا،۽ زخمي کي طبي امداد جي لاءِ فوري طور عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي آپريشن ڪري گولي ڪڍي وئي ۽ نوجوان کي آءِ سي روم ۾ داخل ڪيو ويو پر ٽائي جي پوليس پنج ڏينهن گذرڻ باوجود ڪڪ به پچي بيٺو نه ڪيو آهي نوجوان جي والد سماجي اڳواڻ انب ڏاهري گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اجمير نگري ٽائي جي پوليس ايف آءِ آر ڪٽڻ کان به لنواڻيندي رهي بلا آخر ٽن ڏينهن بعد ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي پر نه فورو گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ نه وري ڦر ڪيل پيسا ۽ ٻيو سامان ريڪور ڪري ڏنو ويو آهي هن وزيراعلي سنڌ ,آءِ جي سنڌ ۽ ٻين بالا آفيسرن کان مطالبو ڪيو آهي ته فورو گرفتار ڪري ڦر ڪيل پيسا ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا 25 ***

لڳائي وئي آهي گهرو کاتي سنڌ محرم الحرام جي سلسلي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پابندي لڳائي ڇڏي، گهرو کاتي موجب سنڌ ۾ اڄ کان 10 آگسٽ تائين موٽرسائيڪل جي پيلهه سوار تي پابندي هوندي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب عورتون، ٻار، ٻزرگ، معذور، صحافي ۽ اهلڪار پابندي کان آجا هوندا.

بقايا 26 ***

پلاٽي ۽ اسپيشل سيونگز سرٽيفڪيشن تي منافعي جي شرح موجوده سطح تي برقرار رهندي، جڏهن ته اسپيشل سيونگز سرٽيفڪيٽسن جي منافعي جي شرح به 13 سيڪڙو جي سطح تي برقرار رهندي.

بقايا 27 ***

۾ آيو آهي. مريم اورنگزيب چيو ته 8 سال اهو عرصو آهي جنهن ۾ ڪنهن به پارٽي خلاف فيصلو ناهي آيو فيصلي ۾ تحريڪ انصاف کي پرڏيهي امداد ڏيندڙ پارٽي قرار ڏنو ويو آهي، عمران خان جمع ڪرايا، فيصلي ۾ چيو ويو ته عمران خان ڇا ڪيو اهو جاڻي واڻي، هاڻي اهي ٽيڪنيڪل سبب جو حوالو ڏئي رهيا آهن سڌ سماءِ واري وزير چيو ته عمران خان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، هي ڪو ٽيڪنيڪل معاملو ناهي، پي پي او 2002 تحت ڪا به پارٽي پرڏيهي ڪمپني يا فرد کان پئسا نه وٺي سگهي ٿي، توهان پنهنجو اڪائونٽ ظاهر نه ڪيو آهي چو ته هي پئسا چوري ٿي ويا هئا، اهي پڇندا رهيا. سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي اڪائونٽن ۾ پئسا اچڻ لاءِ عمران خان لڪائيندو رهيو هاڻي چئي رهيا آهن ته اهو ٽيڪنيڪل معاملو آهي. مريم اورنگزيب چيو ته هٿي کي چور چئو ۽ جڏهن توهان وٽ اچي ته چئو هي ٽيڪنيڪل معاملو آهي، هي معاملو ايترو سادو ناهي، توهان به جهنڊا لڳائي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو اهو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو آهي، عمران خان غير ملڪي ايجنٽ آهي، تحريڪ انصاف غير ملڪي امداد ڏيندڙ پارٽي ثابت ٿي چڪي آهي، عمران خان کي ٻڌڻ وارن کي اهو سوال ضرور پڇڻو پوندو، هي 2008 کان 2013 جو معاملو آهي، جنهن 2014 ۾ ڌرڻو هنيو ، ملڪ ۾ هڙتال ۽ پئسو طلب ڪيو هن چيو ته نواز شريف کي ڪرسي تان هٽائي وڏي غلطي ٿي، ٻيا ملڪ ڏسي رهيا هئا ته دهشتگردي ختم ٿي رهي آهي، ٻيا ملڪ ڏسي رهيا آهن ته پاڪستان ۾ سيڙپڪاري اچي رهي آهي. مريم اورنگزيب چيو ته 2018 کان 2022 تائين ڇا ٿيو عمران خان صاحب توهان کي جواب ڏيڻو پوندو، عمران خان ڪشمير جو ڊيل ڪيو ملڪ ۾ نفرتون پکيڙيون، سي پيڪ جو بند ڪيو ويو نوجوانن کان نوڪريون کسيون ويون، توهان پرڏيهي فنڊرز استعمال ڪيا. انهن کي اهو انعام ڏيڻو هو جو هنن ساڻن واعدو ڪيو هو عمران خان جي منهن مان صادق ۽ امين جو عڪس نڪري ويو آهي، اهي 2018 کان 2022 تائين ملڪ کي معاشي طور ڪمزور ڪندا رهيا. هن چيو ته خراب موسم سبب وزيراعظم کي ڪالهه لسبيلا وڃڻو هو، وزيراعظم چيو ته متاثرن کي فوري رقم ڏني وڃي، متاثر علائقن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي، وزيراعظم گڏيل سروي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 28 ***

ٿا، خبر ناهي ته ملڪ ڪيئن هلائي رهيا آهيون ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس ۾ پريس ڪانفرنس دوران مفتاح اسماعيل چيو ته ننڍن دوڪاندارن کان هاڻي فڪس ٽيڪس بدران ويريئبل ٽيڪس اوڳاڙينداسين هن چيو ته ٽن مهينن کانپوءِ بجلي سستي ٿي ويندي، اي سي ڪوجزجي في سيٽ تي لڳايل 4 هزار روپين واري ٽيڪس گهٽائي 15 سئو رپيا ڪئي اٿئون ناٽي واري وفاقي وزير مفتاح اسماعيل اعلان ڪيو ته وڏن واپارين ۽ ايڪسپورٽرز کي سستي بجلي ۽ گئس ڏني ويندي

بقايا 29 ***

لغاري، تيمور ملڪ، راجا بشارت، عنصر مجيد نيازي، راجا ياسر همايون شامل آهن ان کانسواءِ منيب سلطان چيما، شهاب الدين، مراد راس، ڊاڪٽر ياسمين راشد، خرم شهزاد ورڪ، محمد هاشم ۽ علي افضل ساهي به حلف کنيو حلف ڪنندڙن ۾ نوابزادا منصور علي خان، حسين جهانيان گرديزي، غضنفر عباس چينا، لطيف نذر، حسنين بهادر دريشڪ ۽ ميان محمود الرشيد به شامل آهن پنجاب ڪابينا ۾ شامل سينيئر ميمبرن جو واسطو تحريڪ انصاف سان آهي ۽ انهن ۾ ڪو به ق ليگ ميمبر شامل ناهي.

بقايا 30 ***

تي اسٽي جاري ڪري ڇڏيو عدالت درخواستگذار عبدالاحد ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ اوپر کي نوٽيس جاري ڪندي 11 آگسٽ تائين جواب طلب ڪري ورتو ميڊيا سان ڳالهائيندي عامر لياقت جي اڳوڻي گهرواري بشرا اقبال چيو ته دانيه شاهه جي طلاق ٿي وئي آهي.

بقايا 31 ***

گورنمينٽ وٽ اختيار ئي ناهن هوندا. هن چيو ته ڪراچي ۾ برسات جي تباهين تي ڪير پڇڻ وارو ناهي، شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جو به مسئلو آهي، هي ملڪ آئوٽي هلي رهيو آهي، ڪراچي جي ڪنهن کي ڳڻتي آهي؟ سندس چوڻ هو ته ايم ڪيو ايم اڳ به حڪومت ۾ هئي، اڄ به آهي، الله پاڪ آخري پيرو اسان کان شهر جو ڪم ورتو هو اسان بيهر هن شهر کي سنو بڻائي سگهون ٿا. مصطفيٰ ڪمال چيو ته اسان جي هٿ جو ٺهيل ڪراچي ٿي هلي رهيو آهي، ڪراچي وارا پنهنجو چوڪيدار مٽائين، چو ته جنهن گهر جو چوڪيدار چورن سان ملي وڃي، ان گهر کي ڪير نٿو بچائي سگهي.

بقايا 32 ***

۽ 75 زخمي ٿي پيا آهن. پرڏيهي خابرو اداري موجب اسرائيلي وزيراعظم يائرليپڊ چيو ته حملي ۾ اسلامڪ جهاد جي ڪمانڊر تيسيري الجبري کي نشانو بڻايو ويو ٻئي پاسي اسلامڪ جهاد طرفان اسرائيلي حملي تي سخت ردعمل جو اظهار ڪيو ويو آهي. اسلامڪ جهاد اسرائيلي هوائي حملي کي ويڙهه جو اعلان قرار ڏنو آهي ۽ جوابي ڪارروائي ۾ اسرائيل تي هڪ سئو کان وڌيڪ راڪيٽ فائر ڪيا ويا آهن. حماس پڻ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته اسرائيل فلسطين تي هوائي حملو ڪري نئون ڏوهه ڪيو آهي، جنهن جي ان کي ادا ڪرڻي پوندي.

بقايا 33 ***

درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان چونڊ شيڊول ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ ايم اين ايز جون استعيفائون مرحليوار منظور ٿيڻ خلاف درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي. عدالت چار آگسٽ تي درخواست تي ٻڌڻي ڪري نوٽيس جاري ڪري چڪي آهي، اليڪشن ڪميشن ڄاڻ هئڻ باوجود نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف عدالت کان استدعا ڪئي آهي ته ننڍي چونڊ بابت شيڊول ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، پي ٽي آءِ جي مرڪزي ڪيس جي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊول معطل ڪيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي جنهن تي وقتي چيف جسٽس عمرفاروق اربع جي ڏينهن ٻڌڻي ڪندو

بقايا 34 ***

اختيارين رڳو جون مهيني ۾ مليريا ڪيسن بابت انگ اکر جاري ڪيا آهن صحت کاتي موجب ٺٽو، لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعا مليريا سبب سخت متاثر ٿيا آهن ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ هزار 71، لاڙڪاڻي ۾ 1114 ۽ بدين ۾ 1795 ڪيسن جي تصديق ٿي آهي رپورٽ موجب ميرپور خاص ۾ 865، عمرڪوٽ ۾ 1431، قمبر ۾ 709، دادو ۾ 64 ڪيس ظاهر ٿيا آهن ٽنڊو الهيار ۾ 130، حيدرآباد ۾ 65، خيرپور ۾ 255، شهيد بينظير آباد ۾ 77 ڪيس ظاهر ٿيا ٿرپارڪر ۾ 197، سانگهڙ ۾ 61، سکر ۾ 29، شڪارپور ۾ 127، گهوٽڪي ۾ 41 ڪيس سامهون آيا رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته ڪشمور ۾ 126، جامشوري ۾ 24، ڪراچي ۾ 98، ٺٽي ۾ 4510 ڪيس ظاهر ٿيا صوبي ۾ هلندڙ سال جي 6 مهينن ۾ 49 هزار ڪيس سامهون اچڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

بقايا 35 ***

چيو آهي ته اسان کي اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به فيصلي ۽ چونڊن جي عمل تي ڀروسو نه آهي هن چيو ته ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ اسان اسلام آباد ۾ وڏي اجتماع جي تاريخ ڏينداسين، جلسي ۾ اسان چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو الٽيميٽم به ڏينداسين، اسان حڪومت کي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت نٿا ڏئي سگهون فواد چوڌري خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن حڪومت هڪ مهيني اندر اسيمبليز ٽوڙي عام چونڊن جو اعلان نٿي ڪري ته پوءِ اسان جي اڳين قدم لاءِ تيار ٿي وڃي فواد چوڌري چيو ته موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرز جي هوندي شفاف چونڊون نه ٿينديون، پي ٽي آءِ کي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرز تي ڀروسو نه آهي، اليڪشن ڪميشن کي 16 آگسٽ تائين انتظار ڪرڻ گهرجي ها

بقايا 36 ***

هيٺ پارٽي جي سياسي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال تي غور ڪيو ويو ذريعن موجب 9 ٽڪن ۾ ننڍي چونڊ بابت قانوني معاملن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته اسيمبلي ميمبرن جي استعيفائن بابت پي ٽي آءِ جي قانوني حڪمت عملي تي بريفنگ ڏني وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ قانوني ٽيم عدالتن ۾ داخل درخواستن تي اڳڀرائي کان به آگاهه ڪيو ذريعن موجب اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته تحريڪ انصاف 14 آگسٽ تي اسلام آباد جي پريڊ گرائونڊ ۾ جلسو ڪندي. ان حوالي سان عمران خان جو چوڻ هو ته موجوده حڪومت هر ميدان ۾ بري طرح ناڪام ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري حڪومت فوري طور عام چونڊن جو اعلان ڪري.

بقايا 37 ***

ڪئي وئي پر نه فورو گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ نه وري پيسا ريڪور ڪري ڏنا ويا آهن ،نوجوان جو والد تفصيل موجب چارڏينهن اڳ اجمير ٽائي جي حد سيڪٽر بي 5 ون الحميد اسڪول پرسان صائم بلڊرز جي انجنيئر عبدالله ڏاهري کان فورن ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نوجوان جي مزاحمت تي مٿس سنڌيون گوليون هلائي سخت زخمي ڪرڻ بعد 5 لک روپيه ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري باآساني فرار ٿي ويا،۽ زخمي کي طبي امداد جي لاءِ فوري طور عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي آپريشن ڪري گولي ڪڍي وئي ۽ نوجوان کي آءِ سي روم ۾ داخل ڪيو ويو پر ٽائي جي پوليس پنج ڏينهن گذرڻ باوجود ڪڪ به پچي بيٺو نه ڪيو آهي نوجوان جي والد سماجي اڳواڻ انب ڏاهري گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اجمير نگري ٽائي جي پوليس ايف آءِ آر ڪٽڻ کان به لنواڻيندي رهي بلا آخر ٽن ڏينهن بعد ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي پر نه فورو گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ نه وري ڦر ڪيل پيسا ۽ ٻيو سامان ريڪور ڪري ڏنو ويو آهي هن وزيراعلي سنڌ ,آءِ جي سنڌ ۽ ٻين بالا آفيسرن کان مطالبو ڪيو آهي ته فورو گرفتار ڪري ڦر ڪيل پيسا ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا 38 ***

۾ آيو آهي. مريم اورنگزيب چيو ته 8 سال اهو عرصو آهي جنهن ۾ ڪنهن به پارٽي خلاف فيصلو ناهي آيو فيصلي ۾ تحريڪ انصاف کي پرڏيهي امداد ڏيندڙ پارٽي قرار ڏنو ويو آهي، عمران خان جمع ڪرايا، فيصلي ۾ چيو ويو ته عمران خان ڇا ڪيو اهو جاڻي واڻي، هاڻي اهي ٽيڪنيڪل سبب جو حوالو ڏئي رهيا آهن سڌ سماءِ واري وزير چيو ته عمران خان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، هي ڪو ٽيڪنيڪل معاملو ناهي، پي پي او 2002 تحت ڪا به پارٽي پرڏيهي ڪمپني يا فرد کان پئسا نه وٺي سگهي ٿي، توهان پنهنجو اڪائونٽ ظاهر نه ڪيو آهي چو ته هي پئسا چوري ٿي ويا هئا، اهي پڇندا رهيا. سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي اڪائونٽن ۾ پئسا اچڻ لاءِ عمران خان لڪائيندو رهيو هاڻي چئي رهيا آهن ته اهو ٽيڪنيڪل معاملو آهي. مريم اورنگزيب چيو ته هٿي کي چور چئو ۽ جڏهن توهان وٽ اچي ته چئو هي ٽيڪنيڪل معاملو آهي، هي معاملو ايترو سادو ناهي، توهان به جهنڊا لڳائي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو اهو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو آهي، عمران خان غير ملڪي ايجنٽ آهي، تحريڪ انصاف غير ملڪي امداد ڏيندڙ پارٽي ثابت ٿي چڪي آهي، عمران خان کي ٻڌڻ وارن کي اهو سوال ضرور پڇڻو پوندو، هي 2008 کان 2013 جو معاملو آهي، جنهن 2014 ۾ ڌرڻو هنيو ، ملڪ ۾ هڙتال ۽ پئسو طلب ڪيو هن چيو ته نواز شريف کي ڪرسي تان هٽائي وڏي غلطي ٿي، ٻيا ملڪ ڏسي رهيا هئا ته دهشتگردي ختم ٿي رهي آهي، ٻيا ملڪ ڏسي رهيا آهن ته پاڪستان ۾ سيڙپڪاري اچي رهي آهي. مريم اورنگزيب چيو ته 2018 کان 2022 تائين ڇا ٿيو عمران خان صاحب توهان کي جواب ڏيڻو پوندو، عمران خان ڪشمير جو ڊيل ڪيو ملڪ ۾ نفرتون پکيڙيون، سي پيڪ جو بند ڪيو ويو نوجوانن کان نوڪريون کسيون ويون، توهان پرڏيهي فنڊرز استعمال ڪيا. انهن کي اهو انعام ڏيڻو هو جو هنن ساڻن واعدو ڪيو هو عمران خان جي منهن مان صادق ۽ امين جو عڪس نڪري ويو آهي، اهي 2018 کان 2022 تائين ملڪ کي معاشي طور ڪمزور ڪندا رهيا. هن چيو ته خراب موسم سبب وزيراعظم کي ڪالهه لسبيلا وڃڻو هو، وزيراعظم چيو ته متاثرن کي فوري رقم ڏني وڃي، متاثر علائقن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي، وزيراعظم گڏيل سروي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 39 ***

درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان چونڊ شيڊول ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ ايم اين ايز جون استعيفائون مرحليوار منظور ٿيڻ خلاف درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي. عدالت چار آگسٽ تي درخواست تي ٻڌڻي ڪري نوٽيس جاري ڪري چڪي آهي، اليڪشن ڪميشن ڄاڻ هئڻ باوجود نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف عدالت کان استدعا ڪئي آهي ته ننڍي چونڊ بابت شيڊول ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، پي ٽي آءِ جي مرڪزي ڪيس جي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊول معطل ڪيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي جنهن تي وقتي چيف جسٽس عمرفاروق اربع جي ڏينهن ٻڌڻي ڪندو

بقايا 40 ***

اختيارين رڳو جون مهيني ۾ مليريا ڪيسن بابت انگ اکر جاري ڪيا آهن صحت کاتي موجب ٺٽو، لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعا مليريا سبب سخت متاثر ٿيا آهن ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ هزار 71، لاڙڪاڻي ۾ 1114 ۽ بدين ۾ 1795 ڪيسن جي تصديق ٿي آهي رپورٽ موجب ميرپور خاص ۾ 865، عمرڪوٽ ۾ 1431، قمبر ۾ 709، دادو ۾ 64 ڪيس ظاهر ٿيا آهن ٽنڊو الهيار ۾ 130، حيدرآباد ۾ 65، خيرپور ۾ 255، شهيد بينظير آباد ۾ 77 ڪيس ظاهر ٿيا ٿرپارڪر ۾ 197، سانگهڙ ۾ 61، سکر ۾ 29، شڪارپور ۾ 127، گهوٽڪي ۾ 41 ڪيس سامهون آيا رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته ڪشمور ۾ 126، جامشوري ۾ 24، ڪراچي ۾ 98، ٺٽي ۾ 4510 ڪيس ظاهر ٿيا صوبي ۾ هلندڙ سال جي 6 مهينن ۾ 49 هزار ڪيس سامهون اچڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

بقايا سنڌيار 01

۾ پٽي هائوس مڪلي ۾ ٿي گڏريو جنهن ۾ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تنظيمي ۽ اليڪشني صورتحال جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ ضلعو ٺٽو جي موجودا باڊي جو مدو پورو ٿيڻ ڪري باڊي جا سمورا عهديدار ختم ڪري 3 مهينن لاءِ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي آرگنائيزنگ ڪميٽي اڪثريت راءِ سان جوڙي وئي جنهن ۾ ضلعي آرگنائيزر شبير پٽي، سيڪريٽري لياقت ٻارڻ، رابطا سيڪريٽري سنيل پليجو، ميمبر حبيب الله پليجو ۽ شفيع محمد ميمڻ شامل آهن. فيصلو ڪيو ويو ته آرگنائيزر ڪميٽي 3 مهينن اندر ضلعي ٺٽي جا دورا ڪري تنظيم سازي ڪرڻ، يونٽ قائم ڪرڻ بعد ضلعي باڊي چونڊڻ جي پابند ۽ مجاز هوندي.

بقايا سنڌيار 02

سوناري اسد ميمڻ، صابو شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ يو بي ايل بئينڪ کان بس اسٽاف ۽ پنجاري پل تائين تَنل اُس ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ريلي ۾ پ پ شهيد ڀٽو تحريڪ لبنيڪ، نوازليگ، پ پ، قومي عوامي تحريڪ، واپاري ايسوسيئشن، ايس ٽي پي، اصغريا آرگنائيزيشن، جسقم، پ ٽ الف ۽ صحافين سميت ٻين ڌرين جي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي حافظ عبدالغفور ميمڻ، اقبال سومرو، نواز ميمڻ، رفيعه پليجو، نظام ميمڻ، صحافي اعجاز اختر ميمڻ، اشرف پليجو، منور ميمڻ، شاهد شاهه، ڪامريڊ عزيز سومرو، ارباب زڪريا ميمڻ، عثمان سومرو، گل محمد شاهه، صابو شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته گذريل هڪ مهيني کان پوليس انتظاميا جي نااهلي سبب تاريخي شهر دڙو کي چند لوفرن يرغمال ڪري ڇڏيو آهي، روزانو شهر مان چوري ۽ ڦرون جون وارداتون ٿي رهيون آهن. جڏهن ته شهر ۾ منشيات، اَڪڙا جوا ۽ ٻين سماجي برائين جي ڏوم مَتل آهي، پوليس سري عام پتا اوڳاڙي ڪري رهي آهي، پر ڪنهن هڪ به ڏوهاري کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي، هنن سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس کان پاڻمرادي نوٽيس سميت آئي جي سنڌ کان گهر ڪئي آهي، ته ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري دڙو جي شهرين کي امن مهيا ڪري ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

عمارت وزيراعظم محمد خان جوڻيجو جي دور ۾ ملي هئي جنهن جي مرمت 2001ع ۾ ٿي ۽ ان ڪانپوءِ 2011ع جي مها ٻوڏ ۾ هي عمارت مڪمل تباهه ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ هن ڳوٺ جي ڳوٺاڻن ۽ شاگردن مسلسل مختلف وقتن تي احتجاج ڪيا آهن ۽ چونڊيل نمائندن کي درخواستون به ڏنيون آهن پر هي اسڪول عمارت بنا هلي پيو جنهن ۾ نه استاد فرنيچر، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ انيڪ مسئلن باوجود 180 ٻارڙن کي تعليم ڏين پيا هتان جي رهواسين مهراڻ درس، رمضان درس، ممتاز ابڙو، مورو مل شاگردن سڪينه درس، صالح ميمڻ، رميش ميگهواڙ ۽ ٻين احتجاج ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسڪول کي عمارت ڏئي اسان جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي.

بقايا سنڌيار 04

پهچي تحفظ جي اپيل ڪئي، شهدادڪوٽ ڪراچي جي علائقي ملير جي رهواسڻ سميه ڌي مريد حسين گهران نڪري قبي سعيد خان جي رهواسي نوجوان عبدالحميد ولد عبدالله مگسي سان قمبر جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪرڻ بعد پريس ڪلب پهچي تحفظ جي اپيل ڪئي آهي، پريس ڪلب ۾ ڳالهائيندي ثميه ميڊيا وارن کي ٻڌايو ته نوجوان عبدالحميد اسان جي گهر اوساري جو ڪم ڪندو هوجنهن سان محبت ٿي وئي ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ گهران نڪري نوجوان سان شريعت موجب قمبر جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪيو آهي، جڏهن ته ثميه ۽ نوجوان عبدالحميد مگسي ميڊيا وارن کي ٻڌايو ته پرڻي بعد ثميه جو والد مريد حسين ۽ مامو خورشيد ۽ سنڌس ٻيا مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن انهن مان اسان جي جان کي خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هنن اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 05

سيڪشن ٿاڻي جي حد جاڙي واهه ويجهو ٻڌايو پيو وڃي پوليس مطابق ته پوليس ۽ ڏوهارين سان مقابلي دوران هڪ ڄڻو مارجي ويو آهي جنهن جي قبضي مان پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن پوليس موجب ته مارجي ويل ڏوهاري آهي جنهن جي سڃاڻپ وارو عمل جاري آهي سندس فرار ٿيل ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ پڻ ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون آهن مارجي ويل جو لاش گهوٽڪي اسپتال پهچايو ويو آهي

بقايا سنڌيار 06

جيوت ڪاتي نوشهروفيروز جي گيم انسپيڪٽر غلام مرتضي خشڪ پنهنجي اسٽاف لياقت علي وگڻ شمس الدين ڪوسو بهادر علي خاصخيلي پرويز پرٽ صدرالدين خشڪ ۽ ٻين سان گڏجي دادو ۽ نوشهروفيروز ضلعي جي ڪچي وارن مختلف علائقن جو دورو ڪري ماڻهن کي آگاهه ڪيو ته سنڌو درياهه ۾ پاڻي وڌڻ ڪري ٻوڏ واري صورتحال آهي جنهن ڪري ڪچي وارن علائقن مان ڦاڙها سوئر ۽ ٻيا ناياب جنگلي جيوت پڪي جو رخ ڪري رهيا آهن ان لاءِ جنهن به شخص کي اهڙو ڪو جانور نظر اچي ته فوري طور اسان کي آگاهه ڪري گيم انسپيڪٽر غلام مرتضي خشڪ چيو ته جانورن کي ڪير به نقصان پهچائڻ يا مارڻ جي ڪوشش نه ڪري نه ته ٻي صورت ۾ ان ماڻهو خلاف وائيلڊ لائيف پروٽيڪشن جي قانون تحت ڪارروائي ڪئي ويندي گيم انسپيڪٽر غلام مرتضي خشڪ وڌيڪ چيو ته جانور ڪچي وارن علائقن ۽ ٻيلي جي سونهن آهن انهن جو نسل ختم ڪرڻ بدران ڪين هر حال ۾ تحفظ ڏنو ويندو

بقايا سنڌيار 07

وارثن جو احتجاج انتظاميا کي پٽون پاراتا تفصيل موجب مانجهند تعلقي اسپتال ۾ علاج لاءِ ويندڙ ٿيليسيميا جو مريض 7 ورهين جو نينگر شاهد علي حاجانو ڊاڪٽر ۽ عملو نه هئڻ سبب تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو جنهن تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو عورتن انتظاميا کي پٽون پاراتا ڏئي احتجاج ڪيو ان موقعي تي نينگر جي والد الله بخش حاجانو ٻڌايو ت سندس پٽ کي اچانڪ ساهه جي تڪليف ٿي پئي پر اسپتال ۾ ڊاڪٽر ۽ ٽيڪنيڪلي عملو موجود نه هو نه ئي گئس سيلينڊر جو بندوبست ٿيل هو جنهن سبب سندس پٽ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو هن ٻڌايو ت ايم ايس ۽ غير حاضر عملي خلاف ڪيس داخل ڪرائيندس

بقايا سنڌيار 08

زنگيائي جون 4 ڍڳيون موقعي تي مري ويون آهن ۽ 2 ڍڳون زخمي ٿي پيون آهن جڏهن ته مال چارينڊڙ ڌنار ڪرنٽ لڳڻ بعد زخمي ٿي پيو آهي ان حوالي سان مقامي زميندار ربنواز زنگيائي ميڊيا کي ٻڌايو ته 103 موري جي پرسان صدناڻي ٻيلي ۾ سنڌس ڍور چري رهيا هئا ته اچانڪ تارون ڪري پيون جنهن سبب سندس وڏو مالي نقصان ٿيو آهي. هن ٻڌايو ته واپڊا پاران 103 موري کان ويندي گهوڙا باري تائين بجلي جو سمورو نظام خانگي ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو آهي جيڪي هر وقت پنهنجي مرضي موجب بجلي جي چيڙ ڇاڙ ڪندا رهن ٿا هن چيو ته هي واقعو به ساڳئي ڪڙي جو حصو آهي خانگي سيڪڙاٽ ماڻهو هر مهيني لکين روپيه اوڳاڙي ڪري واپڊا جي ايڪسين سميت ٻين ننڍن وڏن آفيسرن کي ڏين ٿا جنهنڪري واپڊا سان گڏ مقامي ماڻهن جو به نقصان ٿي رهيو آهي هن چيو ته ساڻس انصاف نه ٿيڻ جي صورت ۾ هو عدالت جو در کڙڪائيندو ياد رهي ته ضلعي ٺٽي جي اڪثر ٻهراڙي وارن علائقن ۾ بجلي جو 11 واريون تارون يا ته بجلي جي ڪنين تي ڍليون لٽڪل لڳل نظر اينديون يا وري زمين تي ڪريل جنهن جي ڪري اڪثر اهڙا واقعا ضلعي ٺٽي ۾ معمول بڻيل آهن

بقايا سنڌيار 09

لاڳاهه مارڪيٽ کان هٽن ۾ پلي ڪارڊ بينر کڻي منير بروهي ،ذوالفقار مگسي ،فيض مينگل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته سجاول جوڻيجو پرسان ڳوٺ تي 7 ڄڻن حملو ڪري گوليون هڻي بلاول جروار کي زخمي ڪري هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا آهن سجاول جوڻيجو پوليس اسان جو ڪيس وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي بعد ۾ ظلم جو انتها ڪندي الٽو پ ش پ سجاول جوڻيجو تعلقي جي صدر اطهر جروار کي گرفتار ڪري بلوچستان جي جهت پٽ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو هنن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان گهر ڪئي ته سجاول جوڻيجو ٿاڻي جي ايس ايڇ او رفيق ڪيڙو کي هٽائي بيگناهه گرفتار ٿيل اطهر جروار کي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

شاهه امام بارگاهه ،پهاڙ مري امام بارگا، سميت شهر ۽ پسگردائي جي پڙن تي ماتم ۽ مجلسن جو سلسلو جاري آهي. اڄ آچر شام ۽ سومر جي رات ٽنڊوباگو جي مک چئين وڏن پڙن لڪياري جو پڙ، بچل شاهه جي پڙ، بخاري جي پڙ، سمن شا جي پڙ سميت شهر جي 15 کان وڌيڪ ننڍن وڏن پڙن تان ڪربلا جي گهوٽ شهزادي قاسم جي مهيندي ۽ سيجون ڪڍيون وينديون. جڏهن ته ڳوٺ پهاڙ مري جي چئين کان وڌيڪ پڙن تان پڻ شهزادي قاسم جون سيجون ڪڍيون وينديون. ان موقعي تي ٽنڊوباگو ۾ ڏيڍ سؤ سالن کان هلندڙ نغارن جي ڌن تي گرزن ۽ ڇرين جو ماتم ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 11

جي نوجوان زوهيب ملڪ کي اغوا ڪري ڪچي طرف لهي فرار ٿي ويا ڏوهارين جي فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب سهيل احمد ملڪ به زخمي ٿي پيو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي علائقي کي ڪڙو چاڙهي تلاشي شروع ڪري ڇڏي پوليس ڪابه ڪاميابي نه ملي سگهي ڪنڌڪوٽ شهر جي عيد گاهه محلي جو رهواسي نوجوان زوهيب ملڪ رات دير سان پنهنجي والد ظفر ملڪ ۽ سؤٽن سان سکر کان واپس ڪنڌڪوٽ اچي رهيو هيو ته مچي ٻنڊو ڳوٺ پرسان اٺ کان وڌيڪ هٿيارٻندن ڪين هٿيارن جي زور تي فائيرنگ ڪري ڪار روڪي ڪار ۾ سوار نوجوان زوهيب ملڪ کي اغوا ڪري فائيرنگ ڪندا ڪچي طرف لهي فرار ٿي ويا مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن سندس سؤٽ سهيل ملڪ کي ٽنگ ۾ گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي ڪرمپور ۽ غوثپور پوليس جي نفري وڏي تعداد ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ويئي پر هٿيارٻند پوليس جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ڪچي طرف فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا واقعي جي اطلاع ملڻ تي مغوي جا وارث وڏي تعداد ۾ واقعي واري هنڌ پهچي مٺن انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا مغوي جي وارثن غلام قادر شبير احمد ظفر علي راڄ غلام مصطفا ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڌانهيندي ٻڌايو ته ڪشمور ضلعي مان امن جو پکي موڪلائي ويو آهي عوام غير محفوظ آهي هنن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کان مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان کي ترت بازياب ڪرائي ڏنو وڃي ٻئي پاسي ضلعي ڪشمور جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري مغوي نوجوان جي بازيابي لاءِ ڪچي جي علائقي ۾ چڙهائي ڪري سرچ آپريشن ڪيو پر ذريعن موجب ڏوهاري ٿاڪ خالي ڪري ڪچي هيٺ لهي فرار ٿي ويا آخري اطلاع موجب واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ آئي

بقايا سنڌيار 12

جوجوا جي اڏي تي ڇاپو 7 جواري گرفتار، ڪيس داخل دادو اي سيڪشن پوليس ملاح چونڪ واري علائقي ۾ جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي لڊو گيم تي جوا کيڏندڙ 7 جوارين کي گرفتار ڪري ورتو. هڪ فرار ڪاروائي ۾ جوارين وٽان 3470 جوا جي رقم برآمد، ڪاٺ جي فريم تي ٺهيل لڊو گيم ۽ هڪ بغير ڪاغذن واري موٽرسائيڪل پڻ قبضي ۾ ڪئي وئي آهي گرفتار ستن جوارين ۽ موقعي تان فرار جوابدار هاشم چنا خلاف اي سيڪشن ٿاڻي ۾ گناهه نمبر 201/2022 قلم 5 جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، گرفتار جوابدارن ۾ الطاف حسين ميمڻ، امتياز علي ملاح، اظهر علي ملاح،رستم ملاح، شهزاد علي چنا، خدابخش ملاح، عاشق علي ملاح

بقايا سنڌيار 13

ڊاڪٽر غلام رسول سولنگي کي 10 محرم عاشوري تي عزادارن کي ايمبولنس جي سهولت ۽ دوائن سميت مڪمل تعاون ڪرڻ جي سختي سان هدايت جاري ڪئي ايم ايس سول اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ ۽ ڊاڪٽر اسٽاف عملي جي کوٽ بابت شڪايت ڪئي ان موقعي تي سڪندر علي چانديو DHO ڊاڪٽر اسد الله ڪلهوڙو سان فون تي رابطو ڪيو ۽ ڪيس منياٽي اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ پوري ڪري ڏيڻ ۽ مڪمل اسٽاف فراهم بابت ڊي ايڇ او ڪيس يقين ڏهاني ڪرائي ان موقعي تي ايم ايس برسات ڪانپوءِ اسپتال جي ڇت جا ڪريل ڇاپڙ پڻ ڏيکاريا

بقايا سنڌيار 14

گهر ڏٽي صوفي شاعر غلام مصطفي زرداريءِ قرآن پاڪ کڻي علائقي ۾ نڪري پيو ۽ درگاهه حافظ علي مراد مست کان شروعات ڪندي هر ڳوٺ ۾ وڃي چوري واپس ڪرائڻ جي اپيل ڪندو رهيو. ان موقعي تي سنڌس چوڻ هو هڪ سال اڳ اسان جي گهر مان نامعلوم هٿيارٻندن داخل گهر مان لکين رپيا روڪ رقم، سونا زيورات، موبائل فون سميت ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا اسان اهڙي رپورٽ مورو ٿاڻي تي داخل ڪرائي هئي پر هن وقت تائين ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو هن چيو ته هتي هن وقت قانون نالي ڪا شيءِ موجود ناهي رهي جنهن سبب غريب شريف ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي چڪو آهي، هن چيو ته اسان جو فقير گهراڻو آهي صبر سان رهياسين پر ڪنهن مدد نه ڪئي هاڻي مجبور ٿي قرآن پاڪ کڻي نڪتا آهيون ته جيئڻ ڪنهن کي احساس ۽ خوف ٿئي، هن اعلي ادارن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت پنهنجي برادريءَ جي چڱن سردار ۽ سابق صدر پاڪستان آصف علي زرداري، فريال ٽالپر، ڊاڪٽر عذرا پيچوهو بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداريءَ ۽ ٻين کي اپيل ڪئي ته مورو شهر اندر پيدا ٿيل امن امان جي خراب صورتحال جو نوٽيس وٺي سنڌس هڪ سال اڳ ٿيل لکين روپين جي چوري واپس ڪرائي انصاف سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

سخت احتجاج ڪيو ويو اڳواڻن عبدالرحمان اوٺو عمران باغي،غلام مصطفا ميمڻ،، ابراهيم لنڊ عوامي تحريڪ اڳواڻ فاروق لنگهو مفتي فياض ڪلر ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڊيپلو ۾ چورين جو آزار وڌي ويو آهي چورين جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ڊيپلو پوليس چورن کي پڪڙي نه سگهي آهي جنهن ڪري اسان ڪاروباري ماڻهو پريشان آهيون لکين روپين جو نقصان ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري اسان چئون ٿا چورين جي وارداتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڊيپلو کان ملي مين روڊ تي احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 16

گهر وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ تاڙ ۾ ويٺل نامعلوم ٻوٽ ٻڌل حملي آورن مٿن اوچتو ڦاٽالئو حملو ڪري ڏنو جنهن تي سيٺ آسن داس واڻئي طرفان مزاحمت ڪرڻ ۽ گوڙ ٻڌڻ تي سنڌن پاڙي وارا پهچي ويا جن کي ڏسي حملي آور ڀڄي ويا ڇري لڳڻ سبب سيٺ آسن داس سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقي اسپتال ۾ طبي امداد ڪانپوءِ انڊس اسپتال بدين روانو ڪيو ويو آهي ۽ سنڌس پٽ معمولي اهڙي واقعي ڪانپوءِ سڄي شهر ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو گولاڙچي جي واپارين جي اڳواڻن سيٺ محمد حسن جتوئي ڪمال شيخ ۽ ڪرياڻه مرچنٽ جي صدر سيٺ نارائڻ داس. ڪنفنشري اڳواڻ تنوير احمد محمد ذوالفقار شوڪت علي آرائين سائين اسلم ميمڻ حاجي ڪامران ميمڻ شهزاد آرائين سردار نور احمد جتوئي. آزاد عالم بهار سائين احمد شاهه محمد عاشق آرائين سرفراز خان زاهد شيخ سليم آرائين سهيل نواب سردار مجيب ميمڻ اشرف جتوئي علي احمد جتوئي ڪاشف آرائين نصرالله خان ۽ ٻين واپارين سيٺ آسن داس تي ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد کي جلد نوٽس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي ته هن واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري واپاري کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ شهر جي سمورن واپارين کي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 17

مگريو جي ذاتي ڪوششن سان بجليءَ جي وڌندڙ لوڊشيڊنگ جي خاتمي لاءِ سول اسپتال نوشهروفيروز لاءِ اسٽيڊ باءِ جنريٽر خريد ڪري مريضن لاءِ سهولت فراهم ڪئي ويئي ان موقعي تي اسپتال عملي توڙي سول سوسائٽيءَ سرهائي جو اظهار ڪندي چيو ته اسانکي بيحد خوشي ٿي آهي جو سول سرجن ذاتي ڪوششن وٺي اسپتال لاءِ ضرورت جون شيون خريد ڪري رهيو آهيان ان کان اڳ ڊينٽل چيئر ۽ ايڪسري مشين پڻ نيون خريد ڪيون ويون آهن جيڪڏهن اهو ئي جذبو رهيو ته هيءَ اسپتال سنڌ جي مثالي اسپتال بڻجي ويندي

بقايا سنڌيار 18

پهچايو،واحد بخش سولنگي قتل ٿيو آهي جاچ ڪيون پيا فوتي جي ونٺي حُضوران ٻڌايو ته واحد بخش ۽ مون 7 مهينا اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو. جوابدار گذريل 7 مهينن کان پئسا وٺندا رهيا، اڄ پئسا نه هجڻ ڪري جواب ڏنو ته منهنجي مڙس واحد بخش سولنگي کي دوداڻي شاخ تي. هوٽل ۾ قتل ڪيو ويو آهي.منهنجي 4 ڀائرن ۽ 3 ڀائيٽين عارب هنگورو ، بخشل هنگورو ، خدا بخش هنگورو ، نبي بخش هنگورو ، جاويد هنگورو ۽ امام بخش هنگورو گڏجي منهنجي مڙس کي سنڌس دوداڻي شاخ واري هوٽل تي اچي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي،ضروري قانوني ڪاروائي بعد مڙهه ڳوٺ مينهون سولنگي پهتو ته گهر ۾ ماتم مچي ويو. سنڌس وني کي بيهوشي جا دورا عورتون هنجون هارينديون قاتلن کي پٽون ۽ پاراتا ڏينديون رهيون. جڏهن ته ڳوٺ ۾ سوڳ ۽ حراس ڇانئجي ويو ياد رهي ته ڪجهه مهينا اڳ جوڙي تحفظ لاءِ دادو پريس ڪلب اڳيان پڻ دانهيو هو

بقايا سنڌيار 19

لڳ بجلي ٽاهيندي ٿنڀي تان ڪرڻ سبب نوجوان فوت تفصيل موجب بدين شهر ۾ سيراڻي اسٽاپ لڳ شاهه قادري قبرستان ۾ بجلي جي 11 هزار واري لائن جي ٿنڀي تي بجلي ٽاهيندي ٿنڀي تان ڪرڻ سبب سيراڻي روڊ جي امام بارگاهه سجاديه پاڙي جو رهواسي عزيز ملاح نالي نوجوان فوت ٿي ويو جنهن جو لاش انڊس اسپتال ۾ آڻڻ بعد ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 20

پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ڪورائي ڪاليج جي پروفيسرن ۽ انڊيڪشن ٽريننگ جا ماسٽر سکيا ڏيندڙن انڊيڪشن سکيا ڏيندڙ ۽ بي ايڊ جي شاگردن روشني وڌي

بقايا سنڌيار 21

جاري فائيرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڏهن ورهين جو نينگر وسيم اوڳاهي پٽ ياسين سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي نازڪ حالت ۾ ڪرمپور اسپتال ۾ ابتدائي طبي امداد ڏيئي سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي بعد متاثر ڌرجي ماڻهن علي گل ياسين ۽ عزيز اوڳاهي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڌرڻو هڻي مٺن انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪري ڇڏي جنهن سبب پنجاب کان سنڌ ڏي ايندڙ ويندڙ ڪيترين ئي گاڏين بيهجي ويون ۽ مسافرن کي سخت تڪليفن سان منهن ڏيڻو پئجي ويو علائقي ۾ ڇئوپول آهي ته علي گل ۽ نهال اوڳاهي جي ڌرين ۾ هڪ نينگر کي ڪجهه مهينا پهرين اغوا ڪري ساڻس بدفعلي ڪرڻ تان تڪرار شروع ٿيو هيو جنهن جو نبيرو نه ٿي سگهيو ۽ ڌريون مورچه بند هيون اڄ وري اهو تڪرار ڀيهر ڀڙڪي اٿيو ۽ فائيرنگ ڪئي ويئي ٻئي پاسي متاثرن ڪرمپور پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ ايس ايڇ او کي هٽائڻ جو مطالبو به ڪيو جڏهين ته پوليس واقعي واري هنڌ رواني ٿي ويئي آهي آخري اطلاع موجب ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي

بقايا سنڌيار 22

پهلوان سنڌ ملا ايسوسيئشن ضلع بدين جو صدر پيار علي پٽي بيمارين ۾ وڪوڙجڻ بعد ڪمزور هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي گهر ۾ بستري پيڙو ٿي ويو آهي پر ثقافت ڪاتي طرفان پيار علي پٽي جنهن 30 سالن کان مسلسل لاڙ جي نمائندگي ڪئي آهي سار نه لڌي آهي غربت سبب علاج ڪرائڻ کان قاصر آهي ان ڏس ۾ پهلوان پيار علي پٽي ثقافت واري وزير کان گهر ڪئي آهي ته علاج معالجي سان گڏ سنڌس مالي سهائتا ڪئي وڃي ته جيئن غربت جي ڏيڻ مان نڪري سگهي ٻي طرف بدين جي ادبي ۽ ثقافتي حلقن جي اڳواڻن سنڌي ادبي سنگت بدين جي سيڪريٽري عبدالمجيد ملاح لاڙ ثقافتي آرٽ ڪائونسل جي صدر الهڏنو جوڻيجو ۽ سيڪريٽري ستار جوکيو ۽ بدين يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ مرتضي ميمڻ اسلم ميمڻ اخترشاهه عطا چانڊيو ۽ ٻين چيو آهي ته پهلوان پيار علي پٽي لاڙ پٽ جو پلوڙ پهلوان آهي جنهن پنهنجي فن ذريعي سنڌ جي ثقافت جي خدمت ڪئي آهي پر ڏکئي وقت ۾ ڪيس ثقافت ڪاتي وساري ڇڏيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته آهي ته ملد پهلوان پيار علي پٽي جي مالي سهائتا ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 23

اڳيان ڌرڻو خبر موجب ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي هڪ سؤ کان وڌيڪ ملازمن ايمپلائز يونين جي اڳواڻن سليم ميمڻ، حبيب پنهور، پپي پنگي ۽ هيمي پنگي جي اڳواڻي ٽائون ڪميٽي جي عارضي آفيس اڳيان ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايمپلائز يونين جي اڳواڻن سليم ميمڻ، سخاوت بلوچ ۽ پپي پنگي ٻڌايو ته محرم الحرام جي مهيني ۾ پگهارن جي قسط جاري ٿيڻ بعد به ٽائون انتظاميا پگهارون نه ڪيون آهن. ٽائون انتظاميا گذريل مهيني جيان هن مهيني ۾ ملازمن جي پگهارن مان 6 کان 16 هزار روپيا ڪٽوتي ڪرڻ چاهي ٿي. جنهن ڪري اجان تائين ملازمن جون پگهارون نه ڪيون ويون آهن. هنن ٻڌايو ته اسان پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ٽائون چيئرمين کي دانهن ڏني ته هن اسان کي ڪٽا لفظ ڳالهائي ۽ ڌاپا ڏئي روانو ڪري ڇڏيو هنن چيو ته جيستائين بنا ڪٽوتي پگهار نٿو ملي تيستائين صفائي وارو عملو شهر ۾ صفائي نه ڪندو

بقايا سنڌيار 24

گزر گاهن سميت سيڪيورٽي انتظامات جو جائزو ورتو ۽ سيڪورٽي متعلق پلان جي حوالي سان آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ايس ايس پي سڪرسنگهار ملڪ ان موقعي تي پرمٽ هولڊر منتظمين سان پڻ سيڪيورٽي متعلق ملاقات ڪري خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ فول پروف انتظامن بابت معلومات ورتي جنهن تي مجلسن جي منتظمين پوليس پاران ڪيل سيڪورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 25

جي حد خضدار چوڪ ويجهو موٽرسائيڪلن جي مرمت جو ڪم ڪندڙ ٻه نينگر 12 ورهين جو اشفاق ڪوڪر ۽ 13 ورهين جو غلام مرتضيٰ عرف سونو سيال پراسرار طور گم ٿي ويا جنهن جو ٻن ڏينهن کان ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي جنهن ڪري وارث سخت پريشان آهن. هوڏانهن ٻنهي نينگرن جي وارثن اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي نينگرن جي گمشدگي جو اطلاع ڏيندي ٻڌايو ته ٻئي نينگر موٽرسائيڪلن جي مرمت جو ڪم سکندا آهن جيڪي جمع جي ڏينهن منجهند جو دوڪان بند ڪرڻ بعد گم ٿي ويا آهن جيڪي گهر واپس نه پهتا آهن هنن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ سميت ٻين وس وارن کان نينگرن کي ڳولا لاءِ مدد جي اپيل ڪئي آهي هنن چيو ته نينگرن کي ڳولي گهرياتين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 26

ڪئي ان موقعي تي هن چيو ته ضلعي انتظاميه ماتمي جلوسن کي هر قسم جي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائيندي جڏهن ته محرم الحرام دوران عزادارن لاءِ صفائي سترائي روشني ۽ پاڻي جا پائپ لڳائڻ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته شرپسند عنصرن تي ڪڙي نظر رکي مذهبي هم آهنگي ۽ رواداري برقرار رکي وڃي جيئن امن امان جي فضا قائم رهي ان موقعي تي مختلف مرڪزي امام بارگاهن جي منتظمين طرفان ضلعي انتظاميا جي تعاون کي ساراهيو ۽ امام بارگاهن ۽ پرپاسي جي صفائي سترائي سميت ٻين قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نجيب الرحمان جمالي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين محمد ماجد الطاف ماتلي ۽ تلهار جا اسسٽنٽ ڪمشنر پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 27

خبر موجب جوهي ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻن ساوڻ ٻبر، غلام قادر لغاري, محمد ايوب لغاري,خليل عارف سومرو, محمد جمن ٻبر پاران جوهي شهر ۾ صفائي نه هجڻ ۽ ڊرينج سسٽم ناڪاره هجڻ خلاف ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي عملي، چيف ميونسپل آفيسرجوهي، تعلقه ميونسپل ايڊمنسٽريٽر جوهي,انڪروچمينٽ انسپيڪٽر خميسو جمالي، سينٽري سپروائيزر اياز علي ٻبر,اشرف جمالي، سينٽري انسپيڪٽر منظور علي رستماڻي خلاف جوهي جي عدالت ۾ وڪيلن جي معرفت درخواست داخل ڪرايو ته ان درخواست ۾ ڄاڻايو ويو ته شهر ۾ صفائي ۽ ڊرينج نظام کي بحال ڪرائڻ لاءِ عملي خلاف عدالت پهتا جتي جوهي جي عدالت پاران ميونسپل عملي کي 13 آگسٽ تي طلب ڪري ورتو آهي عدالت ٻاهران ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جوهي ميونسپل ڪاميٽي انتظاميا سياست جي ور چڙهي وئي آهي400 کان وڌيڪ صفائي ملازمن مان چند صفائي وارا ملازم ڪم ڪن پيا باقي ماهوار منٿلي ڪرپشن سبب گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن جنهن سبب شهر گندي پاڻي ۽ گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو آهي،ميونسپل انتظاميا کي ملندڙ ڪروڙن جي بجيٽ ۽ تيل سياسي پوتار، ڪامورا حصو پتي ڪرڻ لڳا آهن جنهن سبب جوهي شهر واسي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ مجبور آهن هنن چيو ته بار بار احتجاج باوجود ميونسپل انتظاميا نوٽيس نه ورتو اڄ ميونسپل عملي خلاف جوهي جي عدالت پهتاسين هنن چيو ته عدالت مان اميد آهي ته ميونسپل عملي خلاف ايڪشن ڪندو ٻي طرف سوشل ميڊيا تي ميونسپل ڪاميٽي جوهي ۾ ڀرتي ٿيل عملي جي لسٽ وائرل ٿي آهي سوشل ميڊيا جي صارفين پنهنجو تبصرو ڪندي وائيٽ ڪالر ڊيوٽي چور ملازمن کي آئينو ڏيکاريو ۽ سوشل ميڊيا صارفين چيو ته ميونسپل ڪاميٽي جوهي ۾ تقريبن سياسي اثر رسوخ ۽ ٻاٿرجيالا ڀرتي ٿيل آهن جيڪي گهر ويٺي مفت جون پگهارون کڻي رهيا آهن

بقايا سنڌيار 28

سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيڻ تي شهرين جو حيسڪو خلاف مظاهرو ۽ نعريبازي تفصيل موجب بدين شهر جي ڪوسڪي روڊ بجلي جو سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ڪرڻ خلاف علي محمد سومرو عمران ڪتي حارث خان عبدالجبار سومرو جي اڳواڻي ۾ شهرين حيسڪو جي ڪرپٽ عملي خلاف قاضيه واهه موري تي احتجاجي مظاهرو ڪيو سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته حيسڪو عملي جي ملي ڀڳت سان اسان جي پاڙي جي ٽرانسفارمر مان ڪُنڊن ڊائريڪٽ ڪنڪشن ۽ بوگس ميٽرن ذريعي چوري ڪان پوءِ غير قانوني لوڊ سبب ٽرانسفارمر سڙي ويو آهي جنهن جي مرمت عيوض حيسڪو عملو 50 هزار رشوت گهري رهيو آهي هنن چيو حيسڪو عملي کي رشوت نه ملڻ ۽ بجلي بحال نه ٿيڻ سبب اسان جو علائقواونڌهه ۾ بدل آهي اسان سخت گرمي ۾ پريشان آهيون هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي پاڙي جو بجلي جو سڙيل ٽرانسفارمر تبديل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ حيسڪو آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 29

آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ تحفا ڏنا ويا ۽ بعد ڪجهه ڏينهن اڳ لياري ندي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل راجپوت برادري جي نوجوان آصف راجپوت جي گهر پهچي تعزيت ڪئي ۽ لاسي ڳوٺ جي پٺائي چوڪ ته عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي هن چيو ته جماعت اسلامي خدمت خلق ۾ سڀ کان اڳڀرو آهي ۽ اسان جي واحد جماعت آهي جيڪو بغيرڪنهن مفاد جي عوام جي خدمت جوجزبو رکي ٿو اسان کي اميد آهي عوام به اسان جي اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرائيندو هن چيو سهراب ڳوٺ يوسي چار تي اسان جماعت اسلامي پاران اميدوارن عبدالستار برفت سميت ۽ ٻين اميدوارن کي 28 آگسٽ تي تاروزو تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا,هن چيو ته هن ڀيري به برساتي ڏيڏرن کي شڪست ڏيئي جماعت اسلامي کي ڪامياب ڪريو ڪراچي جو ميئر شپ جماعت اسلامي کي ملي وڃي ته هو اڳ کان اڳڀرو ٿي ڪري ڪراچي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ اوليت جي بنياد تي ترقياتي ڪم ڪرائيندا هن چيو ته ڪراچي جي ميئرشپ هميشه جماعت اسلامي ,ايم ڪيو ايم ان ٻنهي پارٽين کان سواءِ ڪنهن کي به نه ملي آهي ۽ هن دفعي ڪراچي جي ميئر شپ جماعت اسلامي کي ملندي ۽ ان بعد گڏاپ يوسي چار سهراب ڳوٺ ٽائون جي مختلف ڳوٺ سائينداد ڳوٺ ,ايوب ڳوٺ ,صيفل ڳوٺ ,نورخان ڳوٺ,وزيرڳوٺ ,احسن آباد ۾ تعزيتون ڪيون ۽ عوامي ميڙن خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 30

200 سالا تاريخي شهزاد قاسم عليه السلام جو ڪنيي جوماتم مجلس عزا برپا ڪئي وئي. امام بارگاهه پرسان مير مريد علي ٽالپر جي اوطاق تي تاريخي ڪنيي ماتم ڪيو ويو عزادارن پاران ياحسين ياحسين جون صدائون گونجنديون رهيون. ماتم مجلس عزا برپا ڪئي وئي جتي ناليوارن ذاڪرن سيد نديم عباس شاهه سيد مداح حسين شاهه سيد ذولفقار حسين شاهه مير امجد حسين ٽالپر غلام غازي حجتي مير معشوق علي ٽالپر غلام شبير سهتو ۽ ٻين ڪربلا جي شهيدن جي ڏنل قربانين تي روشني وڌي. ان موقعي تي شهزاده قاسم عليه السلام جي ڪنيي ماتم زوالجناح جو جلوس برآمد ٿيو ۽ نوحه خواني ڪئي وئي. سينا زني زنجير زني، چاقو ۽ گرڏن جي ماتم ۾ سوين عزادارن پاران ماتم ڪيو ويو فاطمه بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي ، جتي ڪافي عزادارن مومنين رت جو عطيو ڪيو . ماتم دوران جنوجي ٿاڻي جي انچارج رضا بلوچ جي طرفان سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 31

محمد نواز برماڻي دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج بعد هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي دانهيو آهي ته گذريل ڪجهه مهينن کان با اثر ڌر علي رضا ۽ اعظم مهيسر زمين تي قبضو ڪرڻ چاهن پيا، اهڙي شڪايت ڊي سي دادو کي ڪئي هئي جنهن مختيارڪار دادو کي ماپ ڪري نشان ڏيڻ جو چيو پر مختيارڪار دادو با اثر ڌر کان ڳري رشوت وٺي ماپ نه ڪري ڏني، گذريل رات با اثرن زمين تي لڳل علم پاڪ هٽائي ديواري اڏي زمين تي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن، هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته با اثرن پاران ڪيل قبضو ختم ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 32

، نئون ڳوٺ ۾ به صفائي سترائي ٿي نه سگهي ، شهرين ، عزادارن جو ايڊمنسٽريٽر ۽ ميونسپل عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ، نا اهل صفدر ميراڻي نامنظور جا نعرا ، خبر موجب خيرپور خيرپور جي شهرين ۽ عزادارن شاهنواز ڪجڙ ، ساجد علي ، نظر محمد سيال ، روشن علي شيخ ، اعزاز علي شيخ ۽ ٻين ڌار ڌار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايڊمسنٽيريٽر ميونسپل ڪاميٽي خيرپور صفدر ميراڻي ۽ ميونسپل عملي جي نااهلي سبب شهر جي مختلف علائقن اوستگاهي ، ڍٻر ، پرگڙي ، غريب آباد ، فيض آباد ، ڳاڙهي پل ، لقمان ، مل ڪالوني ، چانديه موڙ سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ برسات جو گندو پاڻي بيٺل آهي جنهن ڪري شهر جا روڊ رستا گهٽيون گٽرن جو ڏيک ڏئي رهيون آهن ، هنن ٻڌايو ته بدترين گندگي سبب شهرين ۽ عزادارن جون گذر گاهون تنگ بڻيل آهن ، هنن ٻڌايو ته خيرپور ۾ عزاداري جي مرڪز واري علائقي محلا علي مراد ، نئون ڳوٺ ۾ به ميونسپل عملي جي نااهلي سبب خاطر خواهه صفائي سترائي ٿي ناهي سگهي ، هنن ٻڌايو ته خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي گرلز ۽ بوائز هاسٽلن جي مين روڊ تي نالين جو گندو پاڻي تلاءُ جو ڏيک ڏئي رهيو آهي پر افسوس آهي جو ميونسپل انتظاميه ۽ نااهل ايڊمنسٽريٽر صفدر ميراڻي ڪروڙين روپيه بجيٽ هجڻ باوجود شهر جي صفائي سترائي ڪان قاصر بڻيل آهي ، هنن ٻڌايو ته صفدر ميراڻي خيرپور ۾ ڪرپشن جي شهزادي طور سڃاتو ويندو آهي ، صفدر ميراڻي جو نعرو ڪائو ڪارايو آهي جنهن ڪري صفدر ميراڻي هڪ ئي وقت اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور ، سٽي سروي سپرنٽنڊنٽ ، ايڊمنسٽريٽر ميونسپل ڪاميٽي خيرپور سميت ڪيترن ئي سٽيي چارجن سان نوازيل آهي ، شهرين سنڌ حڪومت کان سوال ڪندي چيو ته ڇا سنڌ حڪومت وٽ ڪرپٽ صفدر ميراڻي کان سواءِ اهل ۽ ايماندار آفيسرن جي کوٽ آهي ؟ يا هڙادو ڪرپٽ آفيسر مقرر ڪري خيرپور واسين ڪان بنيادي حق به ڪسيا وڃن ٿا ! خيرپور جي شهرين ۽ عزادارن چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ کان پاڻ مرادو نوٽيس جو مطالبو ڪندي سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن صفدر ميراڻي کي فل فور عهدي تان هٽايو نه ويو ته سخت احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 33

موبائيل فون ڦر ڪري فرار جنهن دوران مزاحمت ڪرڻ تي زخمي ڪري وڌو ان دوران غريب پورهيت منظور علي جو چوڻ هو ته مان پنهنجي زمين جي لاءِ زميندار طرفان مليل پئسن مان پيٽرول پمپ تان ڊيزل وٺڻ وڃي رهيو هيس ته رستي ۾ نامعلوم ڦورو آيا جن موٽرسائيڪل پيسا ۽ موبائل فون ڦر ڪئي مزاحمت تي تشدد ڪيو آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڦريل سامان واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

پروفيسرن ۽ ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي ، اجلاس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر جاويد سمون چيوته ڪي ايم سي کي پمس يونيورسٽي نوابشاهه ۾ ضم ٿيڻ خلاف ڪجهه سازشي عناصر اجائي واويلا ڪري رهيا آهن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. ڊاڪٽر جاويد سمون چيو ته قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد آگسٽ 2020 ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خيرپور ميڊيڪل ڪاليج کي پمس يونيورسٽي نوابشاهه ۾ ضم ڪرڻ جو لکت ۾ حڪم ڏنوهيو هنن چيوويوته خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن، فيڪلٽي ۽ تمام ملازمن جو مستقبل پمس يونيورسٽي ۾ شامل ٿيڻ سان ٿئي آهي , هنن چيو ته 18 جون 2022 تي پمس يونيورسٽي نوابشاهه ۾ سينڊيڪيٽ جي 25 اجلاس ۾ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي حق ۾ تاريخي ۽ بهتر فيصلا ڪيا ويا ، جن فيڪلٽي جو پروموشن، تمام ڪي اي سي ملازمن جو اپگريڊيش ۽ ڪچن ملازمن کي پڪو ڪرڻ جو بل اڪثريت سان منظور ڪيو ويو جنهن جي آجيان ڪريون ٿا ، هنن چيو ته ڪي ايم سي کي پمس کان ڌار ٿيڻ سازشو ناڪام بڻائينداسين

بقايا سنڌيار 35

جي دستار مبارڪ برآمد ڪئي وئي ، جيڪا جلوس جي صورت ۾ پنهنجي مقرر ٿيل رستن تان ٿيندي امام بارگاهه تنظيم حسيني نظاماڻي محلا ۾ اختتام پذير ٿي ، ان موقعي تي درگاهه آف فتح پور جي گادي نشين پير سيد امتياز حسين شاهه موسوي دعاءِ خير پڙهائي ، ٻئي طرف راڄپر هائوس خيرپور کان عورت عزادارين پاران شهزادي قاسم عليه السلام جي مهندي برآمد ڪئي وئي جيڪا جلوس جي صورت ۾ امام بارگاهه قصر بتول نزد چانديه موڙ تي اختتام پذير ٿي ، ان موقعي تي سادات فيمليز ۽ عزادارين عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 36

خبر موجب خيرپور پرسان يوسي ٽبندومستي خان ۾ انتظاميه جي لاپرواهي ۽ نااهلي سبب برسات جو گندو پاڻي گهٽين ۾ بيٺل آهي جڏهن ته ڊرينيج جون ناليون ابتيون وهڻ شروع ٿي ويون آهن جڏهن ته مختلف امام بارگاهن، ماتمي روٽن ۽ مجلس عزا وارن علائقن ۾ پڻ گندگي پکڙيل آهي جنهن ڪري عزادار ۽ مومن توڙي رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن ، ان سلسلي ۾ ٽندومستي جي رهواسين اڪبر علي ، سلامت خا، سيد نياز علي شاهه ، ساجد حسين شاهه ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته افسوس آهي جو ٽندومستي انتظاميه محرم جو احترام نه ڪندي به يزيدي ڪردار ادا ڪري رهي آهي ، هنن چيو ته ٽندومستي ۽ پرپاسي منتخب يوسي چيئرمين شمشاد خان مري ۽ سنڌس ساٿاري موسم مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ خوبصورت علائقن جي دوري تي نڪتل آهن ، هنن ٻڌايو ته شمشاد خان مري جي نااهلي سب مقامي سماجي اڳواڻن ۽ نوجوانن پاران سوشل ميڊيا تي سخت تنقيد ڪئي پئي وڃي پر شمشاد خان مري اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن ، هنن مطالبو ڪيو ته ٽندومستي ۽ پرپاسي ۾ سفائي سترائي ڪرائي عزادارن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن .

بقايا سنڌيار 37

پبلڪ لائبريري اڳيان گوڏي جيڏو پاڻي بيهي ويو آهي. جڏهن ته تعلقي جي اڪيلي جانورن واري اسپتال ۾ به ٽي فوٽ برساتي پاڻي بيهڻ ڪري اسپتال اندر اچڻ وڃڻ جا رستا بند ٿي ويا آهن. ان کان سواءِ شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائيندڙ ۽ صفائي سترائي ڪرائيندڙ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي پراڻي ۽ موجوده آفيسن ۾ پڻ هڪ فوٽ تائين برساتي پاڻي بيهي وڃڻ ڪري ٽائون ڪميٽي جي انتظاميه بلاول ڀٽو زرداري پارڪ ۾ ٽائون ڪميٽي جي عارضي آفيس قائم ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 38

پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي مسمات غزالا سومرو دانهيندي چيو ته مڙس منظور سومرو ناحق تشدد ڪندو هو 2 ڏينهن اڳ عدالت ۾ حاضري تي ويندي مڙس منظور سومرو ساٿين سان گڏجي سفاري پارڪ وٽ تشدد ڪري ڪپڙا ليڙو ليڙو ڪيا هئا مگر سرحد پوليس 2 ڏينهن گذرڻ جي باوجود وحشي مڙس منظور سومرو خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي نه ئي هن خلاف ڪو ڪيس وغيره پڻ داخل ڪيو ويو آهي، هن ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير احمد ٽنيو کان معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي، هن وڌيڪ چيو ته مڙس خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينديس

بقايا سنڌيار 39

ڳئون چوري ٿي وئي، واقعي خلاف پيرو آچرمهر سرحد پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي دانهيو ته منهنجي گهر مان ڳئون چوري ٿي وئي جنهن جو پيرو پوليس اهلڪار غلام مصطفىٰ شر، مصطو شر، مرتضىٰ شر ۽ ياسين شر وارن ڏانهن ويو جن مونکي ڳئون جي چوري مڃي هئي، مگر هنن ڳئون واپس ڪونه ڪئي ۽ گذريل رات منهنجي چوري ٿيل ڳئون قاضي واهه مان مئل حالت ۾ ملي آهي، واقعي بعد نه جوابدار منهن ڏئي رهيا آهن ۽ نه ئي سرحد پوليس ڪو تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار آهي، هن ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير احمد ٽنيو کي معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 40

ٿي اسان جو چوپايو مال ڪاهي ويا آهن احتجاج ڪندڙ عورتن صحافين اڳيان دانهيندي وڌيڪ چيو ته مخالفن ڀريان اسان جي مردن کي گرفتار ڪرائي پوءِ چوپايو مال ڪاهي ويا آهن قلنڌي اسٽيشن ٿاڻي تي وياسين پر پوليس ڪاروائي نه ٿي ڪري هنن ايس ايس پي دادو عرفان علي سمون کان اپيل ڪئي آهي ته اسان جو چوپايو مال واپس ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ،

بقايا سنڌيار 41

ٽريننگ سينٽر نوشهرو فيروز ۾ ٿي گڏري جنهن ۾ مهمان خاص پاڪستان تحريڪ انصاف يوٿ ونگ ڊويزنل صدر آغا احمد خان، پاڪستان تحريڪ انصاف يوٿ ونگ شهيد بينظير آباد جنرل سيڪريٽري عبدالله عباسي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عتيق آرائين پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي صدر سردار ارشاد صائد هيا تقريب جي شروعات قرآن پاڪ سان ٿي ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي سنڌي اجرڪ پير شيراز علي، عادل عباسي، افضل علي منگي ۽ شاهد حسين پارايا ان موقعي تي عبدالله عباسي، عتيق آرايين سميت آغا احمد خان خطاب ڪندي چيو ته يوٿ ونگ پي ٽي آءِ جي ريڙهه جي هڏي آهي ۽ اسان سڀ عمران خان جا سپاهي آهيون اسان هر قدم تي عمران خان سان گڏ آهيون سردار ارشاد صائد چيو ته عمران خان هڪ سچو ليڊر آهي جيڪو ملڪ جي خاطر غريب عوام جي خاطر ملڪ جي يذيد حڪمرانن سان جنگ وڙهي رهيو آهي جيڪي ملڪ تباهه ڪري اسان کي غلام بڻائڻ چاهين ٿا آخر ۾ آغا احمد خان پي ٽي آيي ضلعي يوٿ ونگ جي عهديدارن کي حلف کڻايو ۽ يوٿ ونگ ۾ شير علي مشوري،ثناءالله عباسي، پير جاويد علي، پير سرفراز علي، امير بخش ميمڻ، زبيد علي منگي کي پارٽي ۾ شموليت ڪرڻ تي مبارڪ آباد ڏني

بقايا سنڌيار 42

چانديو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين تمام واسطيدار کاتن جي عملدارن سان گڏ ٺٽي شهر سميت ضلعي جي مختلف امام بارگاهن، جلوسن جي روٽس، ٻين هنڌن ۽ علائقن جو گڏيل دورو ڪري سيڪيورٽي سميت تمام انتظامن جي صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي تي امام بارگاهن جي منتظمين ۽ شيعه علماء ڪونسل جي اڳواڻن سان ملاقات دوران چيو ته محرم الحرام جي دوران امن وامان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ تمام وسيلا ڪتب ۾ آندا پيا وڃن. هنن چيو ته عاشوره محرم الحرام کي پر امن گذارڻ ۽ شهرين کي احساس تحفظ ڏيارڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون ادا ڪري رهيا آهيون ۽ شهر ۾ سيڪيورٽي جا تمام انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. ان ڏس ۾ شهر شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي گهري نظر رکندي هر وقت اسپين چيڪنگ پڻ جاري آهي ۽ تمام واسطيدار ادار پنهنجي ذميواري بخوبي انجام ڏيڻ ۾ ڏينهن رات مصروف عمل آهن. هنن چيو ته نائين ۽ ڏهين محرم الحرام تي موٽر سائيڪل جي ڊبل سواري جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ موٽر سائيڪل هلائڻ تي مڪمل پابندي هوندي. اهڙي طرح نائين ۽ڏهين محرم الحرام تي موبائيل نيٽ ورڪس تي پڻ بندش رهندي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري چيو ته لوڊ شيڊنگ ٽرينگ ۽ صفائي سترائي سميت ٻين تمام مسئلن جي حل خاص طور تي مجلسن جي دوران بجليءَ جي بغير ڪنهن رنڊڪ جي فراهمي لاءِ ڀرپور قدم کنيا پيا وڃن ان موقعي تي شيعه علماء ڪونسل جا اڳواڻ ضلعي انتظاميه، رينجرز، پوليس ،قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين تمام ادارن پاران محرم الحرام دوران بهتر سيڪورٽي جا انتظام ۽ ٻين تمام مسئلن جي حل ۽ سهڪار ڪرڻ تي ٿورا مڃيا. ان کان اڳ رينجرز، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ٺٽو مڪلي سميت مختلف هنڌن تي گڏيل فليگ مارچ پڻ ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 43

ڪان وڌيڪ ماهيگيرن سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي جان بچائي پنهنجي ماڳ تي پهچي ويا آهن، ٽي ڏينهن اڳ به ڀارتي فورسز ٻه ٻيڙيون پڪڙي ورتيون هيون، جن مان ڇهن ماهيگيرن ڀڄي جان بچائي ورتي هئي، هندستاني فورسز هٿان ڪاله گرفتار ٿيل ماهيگير پيار علي ولد گولو ملاح جو تعلق جاتي تعلقي جي ساحلي پٽي واري ڳوٺ زيرو پوائنٽ سان ٻڌايو پيو وڃي، جنهن ڳوٺ جا 15 ماهيگير اڳ ئي ڀارتي جيلن ۾ سالن کان قيد آهن. فشرفوڪ فورم جي مرڪزي وائيس چيئرمين نور محمد ٿهيمور ۽ سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ملاح اڳواڻ ڏاڏا محمد آدم گندرو انڊين فورسز پاران ماهيگيرن جي گرفتاريءَ جي پرزور لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ڀارتي فورسز هٿان گرفتار ڪيل مسڪين ماهيگير پيار علي ملاح پنهنجي ساٿي ملاحن سان مڇي جو شڪار ڪري رهيو هو ته ڀارتي فورسز سنڌن مٿان ڪاهه ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو، جڏهن ته سنڌس ٻين ماهيگير ساٿين سمنڊ ۾ ٽپ ڪي اڇلائي جان بچائي پنهنجي گهر پهچي ويا آهن، هن چيو ته اسانجا ماهيگير پنهنجي پيٽ جو بچن گذر ڪرڻ لاءِ سمنڊ اندر پاڪستاني حدن ۾ وڃن ٿا، جتي حدبنديون ظاهر نه هجڻ ڪري انڊين فورسز وارا انهن کي گرفتار ڪري انڊيا ڪٺي وڃن بعد مٿن سخت تشدد ڪرڻ سان گڏ سالن جا سال جيلن ۾ قيد ڪاٽين ٿا، انهن جي گرفتاري ۽ ٻيڙين کي ضبط ڪرڻ بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي آهي. پر انهن خلاف ڪير به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن مطالبو ڪيو ته پاڪستاني ۽ ڀارتي جيلن ۾ قيد سمورن ماهيگيرن کي فوري طور انساني همدري خيرسگالي جي جذبي طور آزاد ڪري سنڌن خاندانن کي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ياد رهي ته هن هڪ وڌيڪ ماهيگير جي گرفتاريءَ سان ڀارت ۾ قيد سجاول ضلعي جي ماهيگيرن جو تعداد وڌي 54 ٿي ويو آهي، جن جا خاندان ٻيو ڪو سهارو نه ملڻ ڪري بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻيل آهن، جن پڻ پاڪستاني سرڪار کان سنڌن قيد ماهيگيرن جي ازادي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 44

اميدوارن ۾ آفرليٽر ورهائڻ جي تقريب منعقد ٿي تقريب جو مکيا مهمان ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري هو ان موقعي تي ايم پي اي ۽ پي پي ضلع ٽنڊومحمدخان صدر سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ، پي پي ضلعي جنرل سيڪريٽري خرم ڪريم سومرو، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري سيد اڪبر شاهه ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري عبدالوهاب نظاماڻي ، سابق ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حاجي محمد اشرف ميمڻ ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر راجا نثار ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ ميرٽ تي ڀرتي ڪري نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي آئي بي ٽيسٽ ذريعي نوجوانن کي وڏي انگ ۾ تعليم کاتي ۾ استاد طور ڀرتي ڪيو آهي جنهن جو مقصد سنڌ ۾ تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهي ٽنڊومحمدخان ۾ ميرٽ تي ڀرتي ٿيل استادن تي فرض عائد ٿو ٿئي ته وپنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏئي علائقي مان تعليم جي بهتري لاءِ سموري ڪاوشون ڪتب آڻن پيپلز پارٽي حڪومت ميرٽ تي استادن کي ڀرتي ڪري نوجوانن کي پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي هنن چيو ته نوجوان استاد پنهنجي پوسٽنگ واري جاين تي وڃي فرائض منصبي بهترين نموني سان ادا ڪن ۽ ايندڙ نسل جي پوئيواري هاڻ نئين ڀرتي ٿيندڙ استادن جي ذميواري آهي. ان موقعي تي چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالحليم لغاري ، ٽي اي او علي ڏنو ميمڻ ، پ ٽ الف اڳواڻ عارف قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 45

سخت سيڪيورٽي جي هدايت ٽنڊو محمد خان پوليس ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪري ڇڏي ٽنڊو محمد خان ضلعي جي پوليس پاران مختلف شهرن ۾ گشت جاري مشڪوڪ ماڻهن تي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي خبر موجب ايس ايس پي عبدالله ميمڻ پاران ٽنڊو محمد خان جي اندر ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ محرم الحرام جي حوالي سان سيڪيورٽي پلان تحت سموري ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ مجلس عزه ۽ ماتمي جلوسن جي سلسلي تحت پوليس جي سيڪيورٽي سخت ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ ضلعي جي تمام شهرن ۾ ليڊيز مجلسن ۽ مڙدن مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ ليڊيز پوليس اهلڪارن سميت پوليس جوان سيڪيورٽي جا فرض نڀائي رهيا آهن پوليس موبائيلن ۽ فائيٽرن سان گڏوگڏ پيادل گشت جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ سئنير پوليس آفيسرن تي مشتمل ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون آهن جيڪي مجلسن ۽ جلوسن جي روٽسن جي نگراني ڪئي پئي وڃي ضلعي اندر اينڊڙ ۽ ويندڙ رستن تي سيڪيورٽري جا سخت انتظام پڻ ڪيا ويا آهن ماڻهن جي اچڻ وڃڻ تي پڻ ڪڙي نگراني ڪئي پئي وڃي

بقايا سنڌيار 46

چانڊيو ڏاڏي ڪرم الله چانديو ۽ چاچي قابل چانديو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، فريادي ڌر امر رباب چانديو وڪيل سان گڏ عدالت پهتي، الزام هيٺ آيل پ پ ايم پي اي سردار احمد چانديو ۽ ايم پي اي برهان خان چانديو به عدالت ۾ پيش ٿيا، گرفتار ٿيل جوابدارن ذوالفقار، مرتضيٰ، سڪندر ۽ ٻين کي حيدرآباد جيل مان دادو ڪورٽ پيش ڪيو ويو هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلڻ سبب عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 20 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي، عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي امر رباب چانديو چيو ته هاءِ ڪورٽ مان ڪيس اسٽي هجڻ سبب دادو جي عدالت ۾ ٻڌڻي نه ٿي سگهي منهنجا حوصلا بلند آهن پر سسٽم کان سوال ضرور ڪندس ته انصاف ۾ ايتري دير ڇو؟ پنجن سالن کان عدالت جا چڪر ڪاٽي رهي آهيان اجا تائين انصاف نه ملي سگهيو آهي جيڪي قاتل آهن اهي اجا تائين قانون کان آجا آهن، سردار پوليس پروٽوڪول ۾ گهمن پيا آئي جي سنڌ کان سوال آهي ته جيڪي ٽن ڪيسن ۾ جوابدار آهن انهن کي ڪهڙي قانون تحت پوليس پروٽوڪول ڏنو پيو وڃي عدالت فيصلو ٻڌائي چڪي آهي ته هو ملوث آهن ۽ ملوث جوابدارن کي 3_4 پوليس موبائيلون ڏيڻ ڪٿان جو قانون آهي، سسٽم کي غيرت جو مظاهرو ڪرڻ جي ضرورت آهي. هر شئي آهي پر غيرت جو مظاهرو نه پيو ڪيو وڃي هن چيو ته پنهنجي وڪيل سان گڏ آئي جي کي به درخواست ڏينداسين ته ڪهڙي قانون تحت سڪيورٽي ڏني وئي آهي هي سردار مون اڪيلي هٿين خالي نياڻي کان ايترو خوف زاده آهن جو 4_4 پوليس موبائيلون ساڻ ڪري گهمن ٿا هن چيو ته وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي چوندس ته هي جنگ ڀلي اسان لاءِ ڊگهي هجي پر تاريخ ڪڏهن به اوهان کي معاف نه ڪندي قاتلن جا ساٿاري ۽ مدد گار ٿي ڪري توهان يزيدي ڪردار ادا ڪيو ٿا بلاول ڀٽو ۽ مراد علي شاهه دعويٰ ڪن ٿا ته محب اهل بيت آهن توهان کي ڪربلا مان درس وٺڻ جي ضرورت آهي توهان وقت جي فرعون وقت جي يزيد سان گڏ بيهي ڪري اوهان ثابت ڪيو ٿا اوهان کي اهو يقين سان چوان ٿي ته وقت جي يزيد جي شڪست يقيني آهي اسان درس ڪربلا وٺي حق سان بيٺل آهيون انصاف اسان جو حق آهي جيڪو اسان ڇني به وٺنداسين 6 مهينا ٿيا آهن سردارن هاءِ ڪورٽ مان اسٽي وٺي هاءِ ڪورٽ ۾ اپيئر نه پيا ٿين هاڻي ته انهن جا وڪيل صاحبان به ٻڌڻي تي نه پيا اچن چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪندس ته خدارا نوٽيس وٺو ٻئي طرف الزام هيٺ آيل پ پ ايم پي اي سردار احمد چانديو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته فرمائشي پروگرام آ هنن کي هاءِ ڪورٽ جا ٻه جج نه ٿا وڻن هتي به هنن کي پسند جوجج ڪپي، هر شئي هنن جي مرضي تي هلي ته انصاف آ، اگر هنن جي مرضي تي نه هلي ته انصاف نه ٿو ٿئي، هوچون ٿا ته اسان کي ڪورٽ تي اعتبار آ اگر ڪورٽ تي اعتبار آهي ته اڳيون ججن اسان جو ڪيس ريجيڪٽ ڪيو جنهن جو وري سپريم ڪورٽ ريجيڪٽ ڪيو انهي تي جون ٽا ڪيس موڪليو وڃي هنن جي فرمائش جيسيتائين هلنديون تيسيتائين اها جنگ جاري آهي.

بقايا سنڌيار 47

ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عامر حسين پنهور چيو ته ماتمي جلوسن جي روٽن جي صفائي سترائي ۽ اينڊرڪروائڻ کي هٽائڻ لاءِ ٽائون انتظاميه کي ڀهريان ڪان ئي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته ضلع انتظاميه پاران شهرن ۾ صفائي جي صورتحال کي بهتر بنائڻ ۽ عزاداران کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنئي رهي آهي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد کي هدايت ڪئي ته ماتمي جلوس جي روٽن ۽ منعقد ٿيندڙ مذهبي پروگرامن دوران سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته سيڪيورٽي سميت ٻيا سمورا انتظام مڪمل ڪري رپورٽ ڏني وڃي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد ذيشان احمد، جام فيروزانڙ ۽ ٻيا عملدار ساڻس گڏ هئا ان کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عامر حسين پنهور اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس قاضي احمد ۾ محرم الحرام جي سلسلي ۾ انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس منعقد ڪري ٽائون، پبلڪ هيلٿ ۽ روينيو عملدارن کي سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون.

بقايا سنڌيار 48

اسٽاپ ۾ ڌار ڌار جانورن جي علاج ۽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ مفت ويڪسي نيشن ڪيمپون قائم ڪيون ويون تفصيل موجب صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز انجنيئر عبدالباري پتافي، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ تميز الدين کيڙو، ڊي جي لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر نذير حسين ڪلهوڙو ۽ ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينڊ اينيمل هسبنڊري سنڌ ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو جي هدايتن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ۽ اينيمل هسبنڊري شهيد بينظير آباد ڊاڪٽر اعجاز حسين لغاري جي اڳواڻي ۾ برسات ڪانپوءِ ضلع شهيد بينظيرآباد جي تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ حمزو خان جتوئي ۽ تعلقي دوڙ جي ڳوٺ ڪرنل اسٽاپ ۾ جانورن جي علاج ۽ بيماري کان بچاءَ لاءِ مفت ويڪسي نيشن جون ڪيمپون لڳايون ويون مفت لڳايل ڪيمپن ۾ جانورن کي بيماري کان بچاءَ لا ويڪسي نيشن ڪرڻ سان گڏوگڏ جانورن جو مفت علاج ۽ دوائون ڏنيون ويون ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اعجاز حسين لغاري، وٽنري آفيسر ڊاڪٽر غلام محمد سومرو ۽ ڊاڪٽر طارق نوراني، ڊاڪٽر عبدالقيوم خانزادا، ڊاڪٽر غلام مصطفي رند ۽ وٽنري ڊاڪٽرن پاران پالتو جانورن جي چڪاس ڪرڻ ڪانپوءِ انهن کي بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسي نيشن ڪئي وئي ۽ مالوند ماڻهن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ان موقعي تي ڊاڪٽرن جي ٽيم چيو ته صوبائي وزير ۽ سنڌن کاتي جي اعليٰ عملدارن جي هدايتن تي برساتن ڪانپوءِ ضلع شهيد بينظيرآباد جي مختلف علائقن ۾ مفت ويڪسي نيشن ڪيمپن جو سلسلو جاري آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪيمپون لڳائڻ جو مقصد مالوند ماڻهن جي جانورن کي بيمارين کان بچائڻ آهي هنن عوام کي اپيل ڪئي ته سنڌ حڪومت جي لائيو اسٽاڪ کاتي پاران ضلع جي مختلف علائقن ۾ لڳندڙ مفت ويڪسي نيشن ڪيمپن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪندي پنهنجي جانورن کي بيمارين کان بچاءَ جي مفت ويڪسي نيشن ضرور ڪرائين. ان موقعي تي يوسي چيئرمين سومر خان جمالا چوڌري قربان آرائين ۽ مالوند ماڻهن پاران لائيو اسٽاڪ کاتي جي عملدارن جو شڪريو ادا ڪيو